ساردول

اوتارو اديبن

ليکڪ: نارائڻ چيتانند ميراڻي "قلندري"



ساردوُل

ليکڪ ؛

ناراڻ چيتانند ميراڻي

”قلندري“


ادبي سنگم پبليڪيشنس ، اجمير

شڪرگذاري

آءٌ موڙتي- پرنسپال روپچند سپاهيملاڻيءَ، هري همٿاڻي ۽ ڍولڻ تيرٿداس مورواڻي "راهي" جو.
پرنسپال صاحب هن وقت "سمت ڪنور رام" هفتيوار جو سمپادڪ آهي. هري اِنعامن جو لٽيرو- هڪ راجستان سنڌي اڪادمي ۽ ٻيو هندي ڊائريڪٽوريٽ دهلي مرڪزي سرڪار جي سنڌي وڀاڳ مان ٻه اِنعام عطا ڪندڙ آهي. هنن ٻنهي وقت به وقت منهنجا ڪتاب ۽ ليک نظر مان ڪڍيا آهن. "ساردول" جي ڇپائڻ ۾ ڍولڻ "راهي" ۽ هريءَ واهه جي اِمداد ڪئي آهي. مان بستري بيمار هوس ته ڪتاب جي ڇپائيءَ جو ٻوجهه هنن سر تي کنيو. منهنجيءَ ڌرم پتنيءَ شريمتي پارپتيءَ به همت وڌايو جو پريس ۾ وڃي بلاڪن ڪڍائڻ جو ڪم هن سر تي هموار ڪيو ۽ گهر ۾ ڇاپو پڙهي به ٻڌائيندي هئي ۽ صحيح نامي تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. وقت ۽ موقعي جي حساب هونءَ ڪتاب تيار نه به ٿي سگهي ها.

ڍولڻ بمبئي يونيورسٽيءَ جو ايم.اي. فرسٽ ڊويزن سنڌيءَ ۾ آهي ۽ ڊگري ڪاليج آدرش تعليمي سنستائن اجمير ۾ سنڌي پاڙهيندو آهي. عرض اَگهائي هن جوان مهاڳ، لکي "ساردول" جي سونهن وڌائي آهي.

باغ باغائي



گُلي موڏومل

غوشحال آهي افسانو شاديءَ جو ماٺو اچي مٺار
ـرپت وسي باغ ٿيو ڦولاريا ڦوُل خوشبوئدار
هاءِ مگر ويو هاي گُل جي گُلي جو ڇٽي پيو هار
ر ياد پياريءَ ويو ٽاري پڙو ٻارن جو ڪوهيار



SARDOOL

❀

Narain J. Merani
"Qalandari"

❀

June 1983

❀

Price : Rs. Twelve

❀

Author's Add:
16/194, Ahata Mohalla,
Opp: Shri Talkies,
AJMER–305001

rinted by Shri Girdharilal Gur, at Kohinoor Printers, Shekha lohalla, Diggi Bazar, Ajmer and Published by N. J. Merani, (otaro Adiban) 16/194, Ahata Mohalla, AJMER - 305001

ديپڪ عرف نريش ڀڳوان موٽومل

جنم: ٣٠ آڪٽوبر ١٩٨٢ع



سخن تنهنجي سچي وني جنم آهيان وريو
ٽيور تنهنجيءَ ترشنا گهر ساڳئي آهيان وريو
ڪير وڏو ڪير ننڍو ڪنهن هو سنگ ۾ ٻڌو
لڳن ڪهڙي وري واري ڪهڙو آهي سنگ ۾ ٻڌو

آمد، ١١ آڪٽوبر ١٩١١ع - روان، ١٢ جون ١٩٨٢ع



سرڳواسي موٽومل واڌومل خدابادي

قرار ڏيئي ڪلام پنهنجي ورائي ايندس جنم وٺي
شرف ڏيئي گرب تنهنجي پيئندس اچي دوڙ وٺي.

اڄ ٽڪ پڳو

اَڄ ٽڪ پڳو - سپني جو سڳو، لڌو
ڪر هلڻ جو سعيو اَدا، اڄ زندگيءَ جو ٽڳو، لڌو

اَڄ ٽڪ پڳو. سمجهه ۾ نه آيو ته اها ٽڪ منهنجي مُک مان اچانڪ ڪيئن نڪتي. نوڪريءَ تان فارغ ٿي گهر ورڻو آهي ٽڏهن چئبو آهي ته اَڄ ٽڪ پڳو. نوڪري شيشي جي نوڪري آهي. سا سر تي بوجهه جيان آهي. جڏهن سلامت لاهي مالڪ کي سپرد ڪبي آهي ته دل ۽ دماغ هلڪو ٿيو سمجهبو آهي. ٻه ٽنهن واقعي کي ته سالن جا سال گذري ويا. سنه ۱۹۶۸ع جنوري تاريخ ۳ شيوا نورتي حاصل ڪئي هئم. هي سال ۱۹۸۴ع آهي. ڪيڏو نه سمو گذري ويو. ٽنهن حالت ۾ هن ٽڪ "اَڄ ٽڪ پڳو" اِنهيءَ حوالي ۾ ته ٺهڪي نه ٿيو ٻيهي.

ٻوءِ پلا ٽڏهن کهڙو حوالو ٿي سگهي ٿو؟ هان- سمجهي آيم ته زندگي سکن ڀري هجي يا ڏکن، پر سا به هڪ نازڪ امانت جيان آهي. جي سک آهن ته گهٽي ۾ گهٽو ڪپي جي لوڙ لڳي پيئي هوندي آهي. ڏکن جي ته کهڙي ڳالهه ڪجي. گهٽي ۾ گهٽو ڪپي. هيءَ سکن واريءَ زندگيءَ کي ڪپي ڪپي ۽ حسد

اڄ تڪ پڳو سپني جو سڳ، لڌو
ڪرڻ جو سعيو ادا، زندگيءَ جو نڳ، لڌو



پاربتي　　　　**نارائڻ**

سنسار آهي سپنو پر ڏسڻ ڏکو ڪيئن چوان
پردي پٺيان ڇاهي لڪل ڄاڻ تنهنجي ڪيئن لهان
تلڪ چاڙهي آيس وني سا پٺيان ڪيئن ڇڏيان
تڪ منهنجي ٽڪر ڪنهن سان سو به گهاٽو ڪيئن سهان

تقدير آهيان! تعويذ آهيان! ڪنهن ٻڌي ٿو ڪنهن ڇڏايان
سچ جو جڏهن لاٿو پتو مان ڇا ڪري ڇا سڏايان
ڪڇو نه ڪري سگهندو طب ڪهڙو مان پڇايان
شڪر آهي يا ڪ محتاج آهيان ڪهڙي گمان ورق ورايان

ڪڏهن ڪجهه گهريو ڪونهي. اهڙا پڪي وشواس جي نشاني آهي. نه ته باقي هو انترايامي ۽ جاڻي جاڻهار ڇا جو؟ پر هيءَ هڪ منهنجي ڪمزوري آهي. مون کي ڊپ ويڙهي ويو. ڪاٿي ساه لڪيءَ لڪ نه ڪائي ته هيءَ پنيان ڇڏي ٿو وڃان ته اُنت ويلو ڏکيو ٿي پوندو.

منهنجو پيٽويو شريف موٽومل واڌومل سيان بمبئيءَ ۾ بيمار هو. لکندو هو ته پيهي اچ پڪي ته جيئري مکاميلو ڪريون پر مون کي وهم ته ڪاٿي پيٽ جي در تي نه وڃي پراڻ تياڳيان. بيمار ته، عليل طبيعت منهنجي به هئي. وهندي وهندي ڇپاهه ائين سڪي ويندي ۽ سوُر اچي اُپرندو هو جو ڪو اُتاري ته اُتان. سو نه ويس. آخر تار آئي ته پيٽويو صاحب سرڳواس ٿي ويو. ڇا اِسرار! زبان منهنجي ۽ زيان منهنجي پياري پيٽ جو. سندن جنم دن ۱۱ آڪٽوبر سنه ۱۹۱۱ع ۽ فوت جي فتوڻي ۱۲ جون سنه ۱۹۸۲ع

سنه ۱۹۳۸ع مهنو آڪٽوبر تاريخ ۳۰ سندن شادي ٿي هئي. منهنجي پيٽ گلان سهڳ، حاصل ڪيو هو. ديوتا حاصل ڪيو هئائين. برنس روڊ ڪراچي - جهوني گرنانڪ دربار مٿان شهائيءَ جي جاين ۾ رهندا هئاسين. ڪٿهڙي ۾ بينا هئاسين - مان

ساڙي ڇڪي جو گُهٽو ويٺو ڪائي. وڏو آزار آهي.
ٻيو مٿان سک ائين نه گم ٿي وڃن يعني ڏيوالو نه ڪڍي
وهان ۽ ڏهن مان ڪاٽا هڪ موٽر ٻاڇي ٻچيل هجي،
سا به ڇٽڪ اوڏر تي سواري پيٽ ڪي پٽي ٻڌي ٻاهريون
شان شوقت رکڻ جي ڪارڻ. تنهن ڪان وت ته ڏکن
واري زندگي سٺي. رات ڀنيان سويرو اِهو يٿين
رکي شڪر ڪري پئي ڪاٽجي. پر هجي
کهڙي به هجي آخر زندگي بار پريل پري آهي ٺي
آهي. هڪ پڪ آهي. ٻچيائين ته اِها پڪ ڪٿن
پري؟ چپائين ته موت مبارڪ جي هتان. موت
اِنهيءَ حساب راحت بخش سوکڙي آهي. جا ملي ته
موت ۾ تڪ پڳو.

هجي. پر منهنجي ڏڙن ڏکي ويئي. هيءَ
۱۹۸۲ع جا واقعا آهن. جوان ڪونه هوس. ستر کي
اَچي ڏک هنيو هوم جڏڻ جو موه به ڪونه هوم.
پر برهم اولاد پاڻڻ جا سوکڙي ويڌي ڙهي منهنجي
سپرد ڪئي سا مون اَمانت پئي سمجهي آهي. سهاڳ
تلڪ نه ميٽجي وڃي. تنهنڪري سهاڳڻ پاڳڻ جي
منڊ ملهائيندي ميلو متو چڏي سا منهنجي تمنا هميشه
رهي آهي. سائينءَ جي در تي اِهائي دعا دائما
پنندو آهيان. يقين ڪريو ته مون رحمت الله ڪان

ٻه پٽ هڪ ڌي ۽ پيڻ رهندا هئا. هڪ پٽ جي
شادي ڪرائي ڇڏي هئائون. ٻنهي پٽن، ڀڳوان ۽
پرڪاش جي شادي ڪرائي ڇڏي هئائون. ٻئي
آسودا آهن. پرڪاش ناسڪ ۾ آهي جنهنکي ڪمپنيءَ
طرفان بنگلو ۽ موٽر ڪار مليل آهي. ڌيءَ بينا
موهنداس شامداس آجباڻيءَ سان شادي ڪيل آهي.
اُها به آسودي آهي. پنهنجو فليٽ ۽ موٽر ڪار اٿن.
جهُولي رهندا آهن. سندن پٽ وسيءَ شادي ڪانه
ڪئي سا ساڻن رهندي هئي. وڏو ڀاءُ گهنشيام داس
هون جو پنهنجي پريوار سميت چيمبُور پنهنجي جاءِ
۾ رهندو هو. ڪانئن ڇهه مهنا اڳ گذاري ويو هو.
شادي شده پٽ لڇميءَ کي به دهليءَ جهڙي شهر ۾
پنهنجو بنگلو آهي.

اَڏو ڇڏڻ ۽ وري اَڏو اَڏڻ هن يار جي زندگي
جو راز هو. وقت هو جڏهن سندن پٽ ڀڳوان کي
اوچتو اچي دل جي بيماري ٿي. تڏهن سائين جي
در دعا پني هئائون ته. اها بيماري مونکي ڏي ۽
هن جوان کي زندگي بخشي ڏي. جوان نيڪ ٿي
ويو. ڪجهه وقت بعد سندن طبيعت بگڙجڻ لڳي.
اوائلي اوائلي دل پنهنجي جڳهه ڇڏي بيٺي هئي
جنهن کي اينلارجمينٽ آف هارٽ جو مرض چوندا
آهن. پوءِ پڇاڙيءَ جو باقاعدي دل جو مرض ٿي

گاڏي ۾ منهنجي ڀاڄائي جنهن اسان کي نپائي وڏو ڪيو هو. دادا مرليڌر منهنجو وڏو ڀاءُ هو ۽ هيءَ تنهنجي زال هئي. ٻلڪ ٿي ڪانه گذري ته ڏسان ته گلي آهي ٿي ڪانه. ڇيم ڪاڏي ويئي ته ڀاڀيءَ چيو ته ٻنيان ٻيٺي آهي. ڏسان ته پير اُگهاڙا ۽ هٿ جوڙي ٻيٺي آهي. ڀاڀيءَ چيو ته سامهون ڪير ٻيو اَچي. سندس منگيتو موٽو مل آيو پئي. سفيد سنڌي وڳو. ڪاڏي پائيندو هو. سندن گهر اسان جي ٻنيان ٻرنس روڊ تي هوندو هو. گهر پئي ويو. هيءَ منهنجي ڀيڻ جي شردا هوندي هئي. اَڄ اُهو ديوتا اُٿي ويو. سهاڳ جو تلڪ ميساريو ويو.

هڪ ڏينهن سڀ ڪي هلڻو آهي. هيءُ حاڪم ٻه هليو ويو ۽ ٻنيان پريو پريوُر ٻيڙو ٻڏي ويو. سند ۾ سيوهڻ شريف ۾ رهندا هئا. سيوهڻ جي ڀرسان خداباد شهر هوندو هو جو ڪلهوڙن حاڪمن جي گاديءَ جو هنڌ هو. قضا ڪارڻ اُتان لڏ پلاڻ ٿي ته هنن اَچي سيوهڻ وسايو. ٻي سندن ٻرادري گهڻي ڀاڱي حيدرآباد گهر اُڏي وڃي رهيا جت خدابادي عامل پنچات برپا ڪيائون. ورهاڱي بعد ڪلياڻ ڪئمپ ٣ ۾ شانتي نگر ۾ اچي رهيا هئا. پوءِ سيان ٻمبئي وڃي رهيا جت سنتنام بالداگ ۾ هڪ پنهنجو فائيٽ ورتائون. اِنهيءَ ڪمپائونڊ اندر

ڇا تہ چاہ ھو. ڀڳوان ٻنھنجي ڀاءُ پرڪاش کي
سڪ ڦون ڪئي تہ ٽون زال سوڌو اچ جو گوريءَ
جو آپريشن ڪرائي ٻار ڄڻائڻو آهي. ترت پرڪاش
وٽ ۾ چيس تہ مان تہ اڳيئي تيار ويٺو آهيان جو
ات سڀني ۾ درشن ٿيو هو تہ مان ٣٠ تاريخ جنم
ني رهيو آهيان. شڪر الله ميان جو ڇوڪر ٻيو
لدا. آپريشن ڪونہ ٿيو. رواجي دستوُر موجب پٽ
آڇي ٻڌر وسايو. اُهي ٻي يارهان آدمي چلهہ لـي ۽
اُنهيءَ ورچ جئن سندس جنري هئا، يعني دولت ۽
مذڪر انداز ساڳيو.

ايشوري پڇن ڀاڦ جا ڪي ليم ٿيم آهن. تڏهن
چرچي جي ڀاڦ عون کي شاہ عبداللطيف جي سر
رامڪليءَ مان آيت چئي ٻڌائيندا هئا تہ:-

ناٿ جنهين نند ٽت نہ نهاريو جوڳيئين
ڪي ڪويساهيا ڪاپڙي پربا پراهين پند
هوُ هنهين هند، ٿي هنهئين ويا هنگلاج ڏي.

تڏهن مان چوندو هوسان تہ شاہ صاحب ساڳي
سر رامڪليءَ ۾ راز ٻڌيندي هيءَ آيت بہ چئي آهي تہ:-

ناٿ جنهين نند، ٽت پرڪ نهاريو جوڳيئين
سي سويساهيا ڪا پڙي، پريا پرانهين پند
هوُ هئو هن هند، هن هنگلا جان هٿ ڪيو.

پيڻ ۽ گذاري ويا.

ڇهاٽيءَ جي سال ۾ سندن ننهن گوري ڀڳوان
زال گرڀونتي هئي. ٻه نياڻيون هئس. پٽ جي
هئن. اڃا ٻه مهنا کن چڙهي ٿيا هئس ته خواب ڏٺا
ته سندس سهرو ڪيس چئي رهيو آهي ته تو کي
ڄمندو ۽ اهو مان هوندس. جڏهن بيمار پيا ۽ اسپ
کٽائي تي ويس ته موٽ ۾ گوريءَ کي سڏ ڪر
ڇپائون ته مان اسپتال مان جيئرو ڪونه موٽندس
تنهنجي پيٽ مان ضرور ڄمندس.

واقعيءَ کي شرف آهي. برابر اسپتال ۾ ٿي قض
ٿيو. سال ١٢ جون ١٩٨٢ع. ساڳي سال ٣٠ آڪٽو
١٩٨٢ ۾ گوريءَ کي پٽ ڄائو. اهو سندن شادي
جي تاريخ به هئي. پيرڻ لکيو هو ته هٿ به پير ڏا
وينو آهي. تنهنجي جيئري فلمت بدلائي ڀهرين ماڙ
فلمت ورتو هئائين. پر اڃا لهي وينا ڪونه هئا
پرلوڪ پڌاريا. ڀڳوان کي پٽ هن مٿا سٿا واري جاء
ڄائو. پيرڻ لکيو هو ته پاڻ مالڪ ڪونهي. تڏهن د
۾ ڇيم ته جاء جي مٿا سٿا سان هيءُ بدل سدل ٻار
آهي. ته ڇئه ڪٽي ته ناڪر به آهي ته منڊر به آهي
روُپ پيا بدلجن تنهن سان گڏ رشتا به. هيءَ زندگي
آهي. راز به ۽ پڌري پٽ بيان به آهي.

ڪلياڻ وچي رهندا هئا. سندن پٽ اهو نيم قائم رکندا ٿا اچن. سائين جن جي سپٽر پريتم جي گهر اِها مبارڪ ورسي لڳندي آهي ته ڀڳوان سيان مان ته پرڪاش ناسڪ مان اهڙن موقعن تي وچي حاضري واريندا آهن. سرڳواسيءَ کي ساءِ جن جي هيءَ تڪ نت نيم زبان تي هوندي هئي ته:-

جي وڏو آهين ته پيار ڪر
جي ننڍو آهين ته نياز ڪر.

گهر ۾ پٽيءَ تي اُڪريل اِهو بيت پت سينگاريو بيٺو آهي ۽ ٺاڪرن سان گڏ سائين جن جي صورت چينيءَ جي پليٽ تي اُڪريل رکي آهي ۽ نت نيم اگربتي پڻ ٻرندي آهي.

— نارايڻ قلندري

هيءُ شاهه جا ٽوپا آهن. ويساهه جو سوال آهي
جن پٿر ۾ ويساهه رکيو ٿن پٿر مان پاتو. جڏهن
هو اُتي ئي رڌو رهي. ٿون پنهنجو چاهو ٽپاءِ
پنهنجي رمز ساڳيءَ رڌي ڏاءِ. پيٽ ڀٽي ڀري اُچ
مون وٽ آرامي ٿيندا.

ڪيماڙي ڪئمپ ۾ سائين روچلداس سرڳواسي
جي ڪٿا به هوندي هئي. منهنجي پيٽيوني جو
گهر بلڪل سندن سامهون هوندو هو. وچ ۾ رڳ
گهٽي هوندي هئي. منهنجو وڏو ڀاءُ دادا مرليڌر
پيٽڻ وٽ رهندا هئا. ڪين سنڌ نئشنل بئنڪ ۾ ٻهر
اڪائونٽنٽ ۽ پوءِ مئنيجر جو پد حاصل هو. گهـ
اجمير ۾ هئوسين جت منهنجي نوڪري هئي. داد
جن جو ڪراچيءَ ۾ نت نيم هوندو هو ته گرنانڪ
دربار جنهن مان ڦٽي گر سنگت دربار به بڻي، اُسـ
جو آسادي وار ۽ سنجها جو شبد ڪيرتن ڪندا هئا
اُنهن سائين روچلداس جي درگاهه تي ڌمال هڻڻ
شروع ڪئي. جڏهن جڏهن اجمير ايندا هئا ته انهيءَ
نيم جي ٻجاوري منهنجو پيٽو يو صاحب ڪندو هو.
إئين نيمي ٿي ويا. هيءَ وقت جي ڳالهاري آهي.
دادا جي پرلوڪ پڌارڻ تي هيءُ نيم سندن زندگيءَ
جو اُڏوُٽ انگ ٿي پيو ۽ جيستائين سندن طبيعت
نيڪ هئي تيستائين سائين جن جي وسيءَ لـي

ھي تنھنجي ڳاج تي ڏونڪي لڳڻ تي اُٿندڙ آواز
ني ڌمال ھڻڻ تنھن 'مرڳن' پنھنجي جوءِ يعني
ڦا ڇڏي ھيءَ ٿيو اَرٿ. ھاڻ غفا يعني جوءِ ٿي
يءَ اِنسان جو جسم ۽ مرڳ ٿيا پنج وڪار ۽ ڳاج
ار دُول جي ٿيو ڪوڳر منتر-

وڌيڪ کوج ڪندي معلوم ٿيو تہ ساميءَ ھن
نساني جسم کي "نُور محل" جو شرف ڏنو آھي،
عني اِنسان مجسم اِلاھي نُور آھي. خيال آيو تہ محل
ي منار ڏٺي وڌيڪ شوڀنيڪ بڻائجي. تہ ڀلا گھڻا
نار ھجن؟ ڇيائين چار. ٽي يا پنج ڇو نہ؟ تنھن دل
ڇيو تہ حوالو ساميءَ جا سلوڪ آھي ۽ پاڻ ويد وادي
آھي جي ويد چار آھن. تہ ھيءَ چار منار محل ٿيو.
پر انھيءَ جو ٻوجھہ ڪير ٿو سھي؟ ٿنڀو گھرجي.
تنھن ساميءَ جي سلوڪن جي وڌيڪ کوج ڪئي
وئي تہ بطور اِشاري ڪجھہ انھيءَ باري ۾ ڇيو
اَٿائين؟ تنھن سندس ھڪ سلوڪ نظر چڙھيو جنھن
۾ "من ٿنڀو" شبد ڪم ۾ آندا اَٿائين. چوي ٿو:-

سامي نڳــــ، لڌو جنھن نڳيو آھي جھان کي
محڪم مــن ٿنڀي سان پريم جي دام ٻڌو
ڇڏي ول ڇل پنھنجو ٿيڙو نڳــــ تڏو
سھجي ساڳہ رڌو سو ڪائي نت خوشيءَ سان.

ٻہ اکر

پڙهندڙ کي وينتي آهي تہ ”ساردُول“ پڙهندي اِئين نہ چوي تہ سامي ڪٿي؟ سامي آهي اُنهيءَ لباس جيڪو ليکڪ اُنکي پهرايو آهي. مطلب ”سامي هڪ نظريو“ سو ٿيو ساردُول. يعني ساميءَ جا سلوڪ واڌُو ارٿ تنهن کان سوايو ليکڪ جي ڪلپنا جنهن ۾ هن حوالي ٽيڪا جو ميل بہ مليل آهي. ڪوي آهن تنهجي لکڻي نثر نہ آهي پر تار مثل آهي. ٽيڪا ۽ ڪلپنا ۾ فرق آهي. ٽيڪا گهٽي ياڳي بندن ۾ رهي ٿي پر ڪلپنا هڪ اُڏام آهي سا جنهن مجازيءَ کهاڻيءَ تي روحاني رنگ چاڙهجي تنهن مهاپرش جي ڪٿن تي هڪ چادر ڍڪي ٿي وڃي جا جڙڪ منديءَ تي هيري جي ٽڪ جو ڪم ڏئي ٿي. سونهن ۾ سرس سونهن جنهن صورت ڪاڍي ٻيهي -

ٻہ مثال سامي چوي ٿو:-

ٻڌي گاج ساردُول جي مرگن جوءِ تجي

هاڻ ساردُول جي گاج، مرگن - جوءِ تجڻ. هي سڀ ڇا آهي. ساردُول وڏو دهل ڇڻو ڪٽي نہ نغارو

ٻيو ئي آهي - اَحوال اَحوال رمز پنهنجي آهي.

سامي 'س' 'الف' 'سا' سو الف لام لکڻ وڏي
شؤل جو روپ ڌارڻ ڪري شر شيطان شير جي
ت مان پار ٿي قلم جي صورت وٺي لکڻ لڳو
سار دؤل' جو هن ڪتاب جو نالو ڪرڻ آهي ۽ ساميءَ
ي سلوڪن جو سار وچن.

درويشن جي ويچار ڌارا جو ورنن ۽ ويچار ڪيو
هي. اُنهن جا وچن اُنهن جي زندگي آهي. باقي
هڻ ڪڙهڻ ۽ پوءِ گرهست آشرم يا برهم آشرم سا،
نيا جي ڪرت آهي ڪنهنجي تيز ڪنهنجي ماٺي،
جتي ڪنهن شخص سار وچن بوليا آهن ته ليکڪ
ٿهن ٻولن سان ٻدل آهي ۽ پنهنجي ڪاپنا جي
م جي نوڪ "عشق جو نقطو" يا "نانا جو نقطو"
ضمون لکي ٿو:-

اَهڙيءَ من مراد هن ڪان اڳ، "آتم درشن - گياني
سائين ٽيڪر ٿداس" جي ڪتا ڇپائي ويئي آهي ۽ "شاه
ي پنج گرنٿي" تيار ٿي رکي آهي.

نظمي فن جو اظهار "سار دؤل" ۾ ڪيل آهي
ـ ڪٿي ساءي صلابت جو صاحب آهي ۽ پڪيءَ
شق، ڪٿي تشبيهه، تجنيس حرفي ۽ هڄوڳو گڻن جي
اڪ جمائي پنهنجي حق ۾ هڪ اعليٰ درجي جو

هاڻ من ٿيو ٿيو. ته صورت جا حاصل ٿي، ٻ ٽي چار منار. هاڻ ساميءَ اِئين ڪونه چيو آهي پر ليکڪ کي ساميءَ جي گيان ورتي سمجهائڻ لاءِ اِهي هتان هتان ٽڪرا کڻي ڪري پنهنجو مضمون ٺاهڻو آهي ته توهان سامي نه ڳولهيو پر مون کي ڳولهيو.

من چنچل ٿيندو آهي. پوءِ ٿيو چنچل يعني لڏندڙ ته پوءِ محل اِستر ڪئين؟ تڏهن وري کوج ڪرڻي پيئي ته ساميءَ جا شبد "من اَمن" نظر آيا جن اِها معنيٰ چٽائي ٿي جيڪا سامي "محڪم من ٿئي" سمجهائڻ چاهي ٿو. هاڻ تصوير مڪمل ٿي.

من اَمن ڪئين ٿئي؟ چيائين ساردول وڃاءِ ته وڪار پئين ته من اَمن معنيٰ من مَن نه رهي مطلب ته من پنهنجي چنچلتا وارو سڀاءُ ڇڏي بيهي. هاڻ "من اَمن" ٿيو ساميءَ جي سکيا ۽ ساردول ٿيو سادن. جتي سامي "ساردول" چئي ٿو اُت شاهه صاحب "روح رباب" چوي ٿو:-

گهڙو ڀڳو ته گهوريو، پاڻان هو حجاب
واڄٽ وڄي وجود ۾ رهيو روح رباب
ساهڙ ريءَ صواب آئون گهڻو ٿي گهوريان

۽ "گهڙو ڀڳو" شاهه جو سو ٿيو "من اَمن" مطلب ته شاهه تصرف صوفي سو ٿيو سامي آتم گياني. حال

"خود باوري"- آدبي ستارا سنڌي ساهتيہ سڀا
1973
مير جي پيت ۾
"سنڌيت"- سنڌي سرڪل، آدرش تعليمي
1977
سنستائون طرفان ساليانِي سوکڙي
"وقت بادشاهه" سنڌي ائيمپلائيز ائسوسيئيشن،
1980-81
پور جو سووينئر
"شاهه صوفيءَ جو وارث سچل سرمست"- "رهاڻ"
1980-81
اجستان سنڌي اڪادمي، جئپور

جئپور ريڊيو تان وڪاس ٿيل مضمون آهن:-

"سنڌوءَ ڪناري آزادي جا هون" 1972

"سنڌو جا اِنقلابي شاعر" 1973

"شاهه عبداللطيف" انگريزيءَ ۾ 1976

"سنڌي ڀاڪا ۽ چوٽيون" 1979

"شاهه جو وارث سچل" 1980

'هندو يومي' اجمير ۾ آيل مضمون آهن:-

"خوديءَ ڪير خؤار"- "اوڇي جو ادب"-
"شاعر بيوس جي واٽي"- "وسريل ورق ٿولارام
مينگهراج بالاڻي عاجر"- جڳياسوءُ چوئترام گدواڻي"-
"هيموُن ڪالاڻي" "قومي وير پروانا سنڌ ماتر جا"
(ساڌو هيرانند ۽ پيا)- "بنگلا ديش- هڪ حق جي
ورلڊي."

لکشمينداس جي دعويٰ لڳائي ته پر انهن پر ۾
"آتم چترڪار - سامي" ڪتاب لکي تيار ڪيو
ويو آهي .

ٻيا جي ڪتاب ڇپجڻ جي لاءِ لائق ميسر آهن
سي آهن :-

۱- تنقيد جي مد نظر "ٻيوس - هڪ سرسري نظر"
۽ پروفيسر ڀمڀاڻيءَ جي "شاهه جي سورمين" جي
جواب ۾ ۾ "شاهه جا سؤرما"

قصا، ناٽڪ ۽ ناٽڪي کهاڻيون ٻه اَدبي انبوه
جا انگ آهن - وقت اُنهن کي ٻه ڏينهن بخشيندو
"پريتوان" ۽ "بابا" هيءَ ٻه قصا آهن. "پتي ورت"
۽ "منديءَ ماڳ، لڏو" هي ٻه ناٽڪ آهن. "ٻولي
تي ٻاڏائي" هڪ ننڍڙو ناٽڪ آهي "اَڌوري آرتي"
ناٽڪي کهاڻي آهي ۽ "بانس جي بنسري" مڪتبي
اَدبي گفتگو آهي .

ريڊيو تان آيل، رسالن ۾ درج ڪيل ۽ هفتيوار
اَخبارن ۾ شايع ڪيل ڪي مضمون آهن . خيال آهي
ته سي ڪٺا ڪري هڪ "مضموني مجموعو" ڇپائي
ظاهر ڪجي - مکيه مضمون آهن .

"سکي جيون" - اَجمير جا اَديب سنڌي ساهتيه
سنگت اَجمير جي الوکي ڀيٽ ۾ - 1971

3- Sindhi Folk Tales And The Philosophy Of Ma

4- Sindhi Folk Tales Versified.

5- God Is Law- The Force Behid Gandhian Cult O Truth And Non-violence- 7 Discourses. I- Lif And Death. II- Reincarnation. II- God Is. IV-Praye And Idol-worship. V- Prayer And Divine Muni ficence. VI- The Magic Wand of Truth And Nonviolence VII- The Realization.

6- Essays appearing in magazines as

A- "The Author" The Authors Guild of India Publication.

Essays- I- Shah Abdul Latif, The Philosopher Folk Poet Of Sindh.

II- Author And The Freedom Of Expression (Prize Essay)

B- Sufi Commemoration Numbers

I- Inflated Lie- 1981

II- Kufir- The Untruth And Yet The Only Truth 1982 (Written For The World Of Religions, Cochin, India Held In 1981)

III- The Feast Of Benediction, Poem, 1982

C- Khawaja Garib Nawaj, 5th Annual Special Souvenir.

I- Lal Shah Baaz Qalandar.

D- Urs Special- Sufi International Publication.

I Sama And Samadhi.

اٽڪيپيل - ”ڪٽي پتنگ جو وري ورن“- ۽
نظمي نسخا جي عشق جي اوطاق جو ديدار ڪرائين
ٿا ”شاعراڻي ڪايد“-

اڙدو نظم، ”عشق ئي عشق“ مجموع
هي سڀ ذخيرو ٻنڌي جو خزانو آهي. ڇپيو ته
واه واه نه ڇپيو ته خير صلاح. ٻارڻ ڪي فائدو اهو ته
واندڪائي جي ونڊر ڪٽي سين ۽ دماغ جي واڻ
جنهن آڌار ٻئي جنم ۾ ٻڌي پائي اَدبي کيتر ۾ وري
ڇٽجي ويندا سين. ڪين؟ جڏن ڪٽي پتنگ وري
وري آيو ماڳ، تي.

انگريزي ليکن ۽ مضمونن تي ٻه قلم هليل آهي
جي ٻه ڪتابي صورت ۾ تيار آهن ۽ ڪي ڪتابن ۾
شايع ڪيل آهن -

Secularism and Sindhi literature – Shah, The Metaphysician in five parts – Sufism in sind – Shah, his method and metaphysics – Sufi at the cross Roads – The Temptation–place of Woman in Religion– Concept of Sufi – The Restoration – Tasawwuf and Vedant – Faith and Reverance – Divinity, That Is The Man – Concept of Divinity presided over by the Devine – paradise Lost and Regained – The Secret of Creation – Laboratory of man – Talaband Tehsil Convention – Azazil – The Scripture on yoga.

پيش لفظ .... !

اوير ۽ اولهه ۾ امتياز ڪجي ته معلوم ٿيندو ته جتي اولهه جي فيلسوفن، ڪلاڪارن ۽ ساهتيڪارن فطرت جي ظاهري سونهن ۽ ڪائنات جي ٻاهرين عناصرن جي وسيع تر وياکيا ۽ اُپٽار ڪئي آهي، اُتي اوير جي دارشنڪن، تتو گيانين، ڪوين ۽ ڪلاڪارن سرشٽيءَ جي سموري سونهن ۽ برهمانڊ جي وشالتا پنهنجي اندر ۾ پاتي آهي. اولهه ٻهرمکي آهي ۽ اوير انترمکي. اولهه جي نظر سونهن جي حدن تائين محدود آهي ۽ اوير جي درشٽي آهي ”سونهن جي سر“ تائين، جيڪو اسيم، اپار ۽ اکٽ آهي. جنهن ”سچ“ جي تلاش اولهه، صدين کان ڪندو رهيو آهي ۽ هاڻي ڏيري ڏيري تصديق پڻ ڪري رهيو آهي. اُن ”انادي سچ“ کي پنهنجي اڀياس، انڀو ۽ عمل ذريعي اوير جي ترڪال درشي تتو گيانين، رشين منين، سهسين سال اڳ، ئي ظاهر ڪري ڇڏيو. شنڪر آچاريه ويدانت جي ”ادويت واد“ درشن جي جيڪا وياکيا ڪئي، اُنکي ريٽڻ جي اجا ته ڪنهن کي جرئت ڪانه ٿي آهي. چاڪاڻ ته

E- Spiritual Victory Of Imam Hussain, By Janab W.D. Begg, Author of The Big Five, The Biographv of Khawaja Gerib Nawaj. And Journalist

I. The Elegy On Karbala.

7- Engagements-

I. First President of Sindhi Sahitya Sabha, Ajmer

II. General Secretary And Founder of Sufi International, Ajmer.

III. Founder Member of Inter- Faith Fraternal Association, Ajmer

IV. Member Authors Guild of India, New Delhi.

V. Invitee To Christian - Muslim Dialogue On Sufism Under The Auspices of C.B.C.I. Varanasi, Diologue Commission U.P. Held in Ajmer October 1981

VI. Invitee To World Confernce of Religions And Man, Cochin, Novamber 1981

VII. Member On the Adhoc Committee, Department of Sufism, Government College Ajmer.

پاڻ مهربان "سارد وُل" پڙهي پنهنجي آزاد رايي کان واقف ڪرڻ جي عنايت ڪندا.

صحيح نامي جي حساب ڪتاب درست ڪري پڙهندا ته وڌيڪ لاڀدائڪ ٿيندو.

- نارائڻ ميراڻي "قلندري"

16/194- Ahata Mohalla,
Opp. Shri Talkies,
AJMER-805001

ن کي اظهارڻ لاءِ سرلي ٻولي ۾ موزون ۽ معقول
ئي ڇاڪاڻ تہ اهائي سنسڪرت جي ودیک
جهي هئي.

سامي‌ءَ جي نسبت ۾ شاهہ ۽ سچل تي عالمن،
وچڪن، وياکياڪارن ۽ معتقدن گهڻو ڪي لکيو آهي.
امي‌ءَ کي عوام اڳيان آڻيندڙ پهريون عالم اديب هو
يوان ڪوڙومل چندن مل کلناڻي، جنهن سامي‌ءَ جي
خصيت حياتي‌ءَ ۽ سلوڪن جي وستار سان ڪوج ۽
ستار ڪئي. اُن بعد رشي ڏيارام گدوُمل، ڄيٺمل
رسرام، ڪلياڻ آڏواڻي. محمد صديق ميمڻ، واڌومل
ولچند، اُلم وغيره عالم اديبن پڻ سامي‌ءَ جي نرالن
هلوئن کي اُجاگر ڪيو.

"ساردوُل" پڻ اُن سلسلي جي ڪڙي آهي.
اردوُل ۾ سامي‌ءَ جي سلوڪن تي ڪجهہ نين
ڪندن کان روشني وڌي وئي آهي. مثلن سامي‌ءَ
جي "سهاڳڻ" ۾ شاهہ جي "نوري‌ءَ" جو درشن.
ليڪ شاهہ جي ٻن سورمين جي احساسن جو عڪس
ڻ سامي‌ءَ جي سلوڪن ۾ پاتو آهي جنهن مان پاسي
ٿو تہ سامي‌ءَ تي پڻ سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو گهاٽو
ثر آهي، خاص طور عمر ماروئي ۽ سورٺ راءِ ڏياچ
جو. جا مستند حقيقت "نانا جو نقطو" ۽ "عشق
جو نقطو" وارن بابن ۾ ليکڪ واضح ڪئي آهي.

أها انادي ۽ اننت آهي. ويدانت جي وشالتا ۾ دنيا جا مڙئي مکيہ متا، درشن، ڌرم ۽ سوکيم تتو سمايا پيا آهن. ادويت واد جهڙو بيباڪ درشن سمجهڻ، قبولڻ ۽ عمل ڪرڻ لاءِ جنمن جي جاکوڙ، جگياسا، اڀياس ۽ تپسيا کپي.

سنڌ جي شاستريہ ڪوين جي نمور تي "شاھ-سچل-سامي" ۾، سامي صاحب ئي ڀارتي دارشنڪ تتون کي پنهنجن سلوڪن جو وشيہ بڻايو. ويدانت جي ڳوڙهي درشن کي، گيتا جي ڀڳتي، ڪرم ۽ گيان يوگ جي سدانتن کي ساميءَ جنهن سرلتا ۽ ڪشلتا سان سنڌيءَ ۾ اُپٽاريو آهي، سا هڪ طرف ڪيس ڪامل ڪوي ثابت ڪري ٿي تہ ٻئي طرف ڳوڙهو تتو گياني پڻ. سنڌ کي ڀارتي درشن جي جاڻ ڏيندڙ پهريون ڪوي سامي ئي هو، جنهن ويدانت درشن ۽ اُن جي وياکيا لاءِ نهڪندڙ شبد رچنا ۽شڪتي پڻ سنڌيءَ ۾ سڀ کان اول رائج ڪئي. ان لحاظ کان هوُ شاھ ۽ سچل کان اعليٰ، انوکو بلڪ يگانو نظر اچي ٿو. سنڌ ۾ جنم وٺڻ سبب ساميءَ، سنڌ جي سڀيتا، سنسڪرتيءَ، لوڪ ساهتيہ، تصوف ۽ عربي فارسيءَ گاڏڙ ٻوليءَ جا اثر پڻ سڀاويڪ طور جذب ڪيا، جيڪي سنڌس سلوڪن مان سج جيان روشن ڏسن ٿا. سنڌس ٻوليءَ جو لب لهجو شڪارپوري آهي. ويدانت جي ڳوڙهن

روڪ ۽ غير مروج ڪتب ڏنو آٿي. سطحي وندر
ن کي هن گرنٿ مان حظ نه به حاصل ٿئي، پر
ارشنڪ رچي رکندڙ سالڪن لاءِ سارڊول، روحاني
ض ۽ لطف ڏيندڙ رچنا ثابت ٿيندي. هن پستڪ
ساهتيه کان وديڪ درشن پريل آهي. وشيه ڏانهن
يکڪ جي ايمانداري تحسين جوڳي آهي. جنهجي ڪٿي
سارڊول سندس جاکوڙ، جگياسا ۽ اونهي اڀياس
جو آئينو آهي. وشواس اٿم ته ليکڪ جي قلم مان اچا
به وديڪ ساهتڪ ۽ دارشنڪ موتي اسان کي اڳتي
به پڙهندا رهندا.

- ڍولڻ راهي

عزازيل کي شيطان تصور ڪيو ويندو آهي مگر ليکڪ
”نانا جو نقطو“ مضمون ۾ عزازيل کي عاشق ثابت
ڪري، ساميءَ جي سلوڪن جي سند عطا ڪئي آهي،
جنهن مان سندس ڳوڙهي ڄاڃنا جي پروڙ پوي ٿي.
”تصديق“ مضمون ۾ ساميءَ ۽ قلندر شهباز جي
نسبتي تجزيي ذريعي ليکڪ هڪ طرف اِهو ٻڌايو
آهي ته قلندر شهباز فقط درويش يا ولي نه هو،
جئن عام طور سمجهيو ويندو آهي، پر هو اعليٰ درجي
جو صوفي شاعر پڻ هو، جنهن جو اثر ساميءَ تي پڻ
پيو، جو سندس سلوڪن مان ظاهر آهي. اِهو پڻ هڪ
نئون پهلو آهي جو ليکڪ ظاهر ڪيو آهي. ساميءَ ۽
سنڌ جي ٻين صوفي شاعرن جو نسبتي جائزو پڻ
سندس ڳوڙهي اڀياس ۽ دارشنڪ رجحان کي ظاهر
ڪري ٿو. ڪجهه سلوڪن جي وياکيا مان ليکڪ
جي جگياسا ۽ باريڪ بينيءَ پٽي بکي. مون کي
شخصي طور ڄاڻ آهي ته ليکڪ تصوف ۽ ويدانت
کي فقط خيال ۽ فکر تائين محدود نه رکي، پنهنجي
جيون ۾ پڻ عملي طور اپنايو آهي. هو سچي صوفي
وانگر انسان دوست، نيڪ دل ۽ خداترس شخص
آهي. دراز عمر ۽ عليل طبيعت هوندي به اڀياس ۾
مبتلا هوندو آهي. البت سندس ٻولي ۽ شئلي عام
فهم نه آهن. سنڌيءَ جون ترڪيبون پڻ دقيق

فهرست

سامي سرڻ

هر درويش ذات پات جي ڀيد ڀنا، اوچ نيچ
ي ڀاو ڀنا دوست جو ديدار آهي ۽ روحاني رمز
ن نقطي جو شائق آهي ته:-

ميم ٻـن احمد پڙهه تون حق جو حقدار آن
نفس ماري مات ڪر تون احد جو اوتار آن

سمو به انهيءَ ڪلام کي سلام ورائي ٿو. ڪنهن
بي ٻولي نه ٻولي آهي. هيٺيئن منڍي ٻول ۽ ٽول
ترهين صديءَ روحاني راز پُر سنڌي شاعريءَ
ي مالان مال ڪري ڇڏيو هو. شاهه عبداللطيف جو
جنم هن صديءَ جو هو، يعني سنه ١٦٨٩ع، ۽ وفات
سنه ١٧٥١ع جي آهي. پر واحد ۾ واصل ٿيڻ کان اڳ
چل سرمست کي پنهنجو وارث تسليم ڪيو هئائين.
رويش جي دور زباني هئي. پر شاهه کي ڪل
ڪانه هئي ته اهڙو به ڪو درويش پڪي پاڻ
ڙهيل پيدا ٿيو آهي جو روحاني راز ڀريل رمزن ۾
واڌ آڻيندو.

شهر شڪارپور ۾ سيٺ ٻچومل لُنڊ جي گهر هڪ

شمع ٻري شعاع ٿيو- پرواني جو چاهه وڌيو
چاهت جي ترقي وڌي جڏن جڏن واڌ وڌيو



چاهه اٿڪ

چاهه جي چراغ ليڪڪ ويٺي قلم وڌيو
تنهن سنهڙي خط ڪوئي ڪاپت ڪانو ڪڍيو

سورهين صديءَ جو شاعري ستارو سيد
دالڪريم بلڙيءَ وارو هو. ۽ تنهن بعد شاهه عنايت
هوڪ شريف واري منصوري ڇت ڦهري پنهنجي
يري رهن سهن ۽ صوفياڻي ڪلام جي پڪي عقيده
ي قرار ڏنو. عنايت جي قطار سرمد شهيد به شمار
هي. پر هن، وارو وچي ڌهليءَ وڃايو. هو اصل سنڌ
ن به ٻاهر جو هو پر چاڪاڻ ته روحاني رنگ ۾ ٿي
گر ۾ چڙهيو هوس تنهنڪري سنڌي روحاني
رتي ۽ ورثي ۾ هن درويش جو نالو هميشه وڏي
زت ۽ صدق وچان ڳائبو آهي.

سائين چئنراء پنهنجو شاعرانو تخلص ”سامي“
نهنجي گروءَ سوامي مينگهراج جي ياد ۽ عبادت
ي پيار وچان اپنايو هو. ٻانيءَ تخلص به ڪم ۾ آندو
نس. سامي هئا پر سنياسي ڪونه هئا. بلڪل
رهستي هئا. چون ٿا ته ٨٠ ورهين جي ڄمار ۾ به ٻار
ڄائو هون. گرهست آشرم ۾ ايتري وندر ڪندي
ڪندي به هيڙا گيان گپت پريل سلوڪ ڪير لکي؟
ڇپائين جو سيرت جو سلطان هجي. سو تاج سامي
چئنراء ڀچومل لنڊ جي حق حلال ۾ آهي.

پورن گروءَ به ڪنهن وڏ ڀاڳيءَ کي ملي. ڳولهيندي
ڪونه ليڀندو آهي. ڪنهن سونهاري مرقعي ملاقات

ڇوڪر ڇمنڪاريءَ جنم ورتو هو. سو سنه ١٧٤٣ع هو. جنم جو نالو ڇمنراءِ ۽ شاعراڻي شان تخلص سامي هوس. سچل جو جنم سنه ١٧٣٩ع جو آهي ان جي جوڙي واه جو يادگار آهي شاهه سڳوري جو! عرصي جي خيال کان ته ٽن جي صورتيءَ ۾ انگ پيا ٻه جوڙ با ته پنج گروهه جا گنج تي پوندا ۽ سي هئا دلپت صوفي سنه ١٧٦٩ع ۽ روحل رند فقير سنه ١٧٣٠ع. ساميءَ پر لوڪ پڌارڻ سنه ١٨٥٠ع جي شمار آهي. هيءُ عرصو سنه ١٦٨٩ع کان شروع ٿيو. پر شاه کي ڇڏي باقي چار يار زنده هئا جو بيدل فقير جي جنم سنه ١٨١٤ع جي حساب ورائي پنج گنج ٿيا. تڏهن سڄو سارو عرصو ان صدين جو سنه ١٨٧٢ع ۾ پورو ٿيو جڏهن بيدل به چولو ڇڏي وحدت منجهه وارد ٿيو. ائين ته سنڌي شاعرانو عرصو سيوهڻ شريف باشنده قاضي سان شروع ٿئي ٿو جا پنڌرهين صدي آهي. پر در اصل تنهن کان به صديون اڳ حضرت عثمان مروندي شهباز قلندر سنڌ ۾ روحاني طوفان ڪڙو ڪيو هو. باهر جو درويش هو جو تيرهين صديءَ ۾ مروند کان آيو ۽ سنڌ ۾ شهر سيوهڻ شريف کي شرف ڏيئي پنهنجي پاڪ زندگيءَ جي ڇاپ سنڌ تي هڻي وصلي وصال وحدت وريو سو سنه ١٢٧٤ع آهي.

ئين چُنراءِ کي رنگ اُٺان لڳو. پر ستسنگ مان
رنگ سڀ ڪنهن کي ڪو نه لڳندو آهي. ڪن
ن کي اوچتو ئي اوچتو اچي دل وچ اُمنگ
ڳندو آهي، ۽ ستسنگ مان به اُٿندي ئي رلي ڪلهي
ي ۽ ماني ٻنڇڻ تي. الله واهي. جهنگ منهن ڪري
ليا ويندا آهن. حالتون ٻيون هيون پر شاه کي
نگ انين چڙهيو هو جو پوءِ جوڳين جي سنگ
وحاني رنگ رچي، اچي گرهست آشرم سنڀاليو.
جو رنگ چڙهيو هوس سو گهاٽو پوندو ويس.
ود قاضي تي به انين رحمت جي بوند برسي
ي ڏسجي جڏهن چيائين:-

جوڳيءَ جاڳايوس ستو هوس ننڊ ۾
تهان پوءِ ٿيوس سنڌي پريان پيچري.

تڏهن هيءَ سلوڪ ساميءَ جو به چئو نه ڇڄي ته،
ندس روح جي جاڳرتا جو احوال آهي ته:-

پتت کي پاون، سامي ڪيو ستگروءَ
پرچي ڏنائين پنهنجو نرمل درشن
ٽٽو من اُمن، اوديا ڪلپت نه رهي.

پر ڪي به هجي، اسانجو مطلب سندن گيان وارتا
مان ۽ نه ڪه سندن گروءَ سان. اجوڪي زماني ۾ به
ـڪڙ پڙهڻ جون سهوليتون ميسر آهن ته به ساپرسن

ٿي ويندي آهي. سامي ٽنهن واقعي کي پورن پنج
جو قل سمجهي شرف ڏنو آهي. روحاني ڪڙڪي
دل جي سندن حالت ۾ به ائين ڪلي هئي. شريمان
پرمانند آڏواڻي لکنئو وارو پنهنجي پستڪ
"روحانيت جو رهبر" سنه ١٩٧٩ع ۾ لکيٿو-

"هڪ رات ڀائي چنڊراءِ خواب ۾ هڪ مهاپرش
ڏٺو جنهن کيس چيو، ستل لال اُٿي جاڳ! اُٿي پاڻ
سڃاڻ. صبوح جي ٽڙڪ شروع ٿي ويئي. دڪان تي
نه ويهي ويٺو پر من نه پيو لڳيس. ڪو ڪر درويش
ئي نظر چڙهيس.

چنڊنگ پيئي چولي، عجائب عشق جي
ڏه دس پيئس دوس کي، فڪر سان ڦولهي.

هڪ ڏينهن اوچتو هڪ مهاپرش سندس سامهون
اچي بيٺو ۽ چٽڪ کيس چئي رهيو هو ته 'سچي
سائينءَ جي راه ۾ اچي رنج.' اهو ست پرش سامي
مينگهراج هو جنهن کي ڀائي چنڊراءِ گرو ڪيو. ڪي
اها ڳالهه نٿا مڃين. عام ۾ اها مڃتا آهي ته سائين
ڊينگهراج جي ستسنگ ۾ سامي چنڊراءِ ويندو هو ۽
اُن سنگ جو رنگ کيس لڳو هو. سائين مينگهراج
اصل بهاولپور رياست جو هو جا سنڌ جي پڙوس هئي
۽ سائين شڪارپور ۾ به اچي ستسنگ ڪندا هئا.

جو نڪري ناپ منجهار ٿون سهي سڃاڻج ساه ڪي
اَچي گهراڻ گهٽيءَ مون، واءُ ڪري وستار
دامودر ٿنهن دم ۾، آهي اونڪار
اِيهو ويدن جو ويچار، ساميءَ سڻايو سنڌيءَ ۾.

...هاس چوڻو ته ويد سنڌوءَ ڪناري لکيا ويا هئا. ...ڏهن ساميءَ جس کٽيو جو سنڌ جو ورثو، سنڌي ...دري ڀاشا ۾ محفوظ رکي هڪ اَملهه يادگار ڇڏي ...يو ۽ پنهنجو نالو اَمر ڪري ويو. هي سامي پنهنجن ...لوڪن جي علمي ڪٿ ڪري ٿو. شاهه عبداللطيف ...ـه پنهنجي روحاني خيالات جي ڪٿ چيو آهي -

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي

آيتون معنيٰ قرآن شريف ۾ آيل واڪ وحدت جا. ...ـڏهن چئبو ته شاهه صاحب اِسلامي ويچار ڌارا ...ـنڌيءَ ۾ نظمي قلم بند ڪئي ۽ ساميءَ هندڪي، ...و اِئين چئبو آهي ته ويد هندو ڌرم جو آڌار آهن. ...ـتنهن ۾ ڪا سچائي ڪانهي! جڏهن ويد لکيا ويا هئا ...ڏهن نڪو هندو هو نڪو مسلمان ۽ نڪو عيسائي. ...ـنڌ مان هند ٿي، جو ڀوڳول جو هڪ کنڊ هو ۽ ...ـنهن کنڊ جا رهواسي هندستاني سڏجڻ ۾ آيا ۽ ...ـيد سنڌن جيون ڪلا جو دستاويز آهن. پر سو به

جي زندگيءَ جو خاطريءَ جوڳو اَحوال همت ڪو نہ تو اَچي. حال ويهين صديءَ ۾ ٿي سائين ٽيرٿداس گياني صوفي ٿي گذريو آهي. خود ٻڍريسٽر هئا. ڪين رنگ ڪئن چڙهيو سو خاطر خواه اَحوال ڪوئي نٿو ڏيئي سگهي. سچل سائين جي درگاه جا طالبو هئا. ڪئن آئي ويا، ڪنهن جي سنگ ۾ ۽ ڪنهن خاص واقعي ڪين روحاني درد جو ٽير لڳو، سو ڪو ٻڌائي نٿو سگهي. حالانڪ انهين ضرور چون ٿا تہ اِهو روحاني پنڌ ڪچي، درگاه دراز تي اِنهيءَ مراد ڪونہ ويا هئا. سائي ڳالهہ سائين وويڪانند جي ڪندا آهن. جڏهن طالب ڪان وڌيڪ مطلوب ڪسي پنهنجي دڪانداريءَ جو پرچار ڪرڻ جي چنتا هئي. پر جڏهن رنگ چڙهي تہ ۽ پوء جيڪا حالت طالب جي ٿئي ٿي، سو پاڻ برابر پاڻ آهي. سامي چوي ٿو:-

عاشق ڪن عرض، سدا سڪ سچيءَ جو
درشن درد ونڊن کي، ناراڻ ڏي نج
اوديا اوندھ نہ رهي، ڏسي ساکي سج
سڙي وڃي ٻج، سامي چئي سنسار جو.

گيان وارتا جي مد نظر ساميءَ جو ساکي سج هن سلوڪ مان لکي ٿو:-

ڇاٽپ ڪرائيندي شبد ڪم ۾ آندا اُٿائين "ناپ"
عنيٰ ڏن، 'گھٽي' معنيٰ نرگھٽ جي نلي ۽ 'دم'
امودر ۽ اوَنڪار، ٻار جو جنم، روحاني رمز اَزل
ي ڏينهن جي ٿو ڪٿا ڪٿي جڏهن سرشٽيءَ جي
آپٽي ٿي. جڏ نه ڇٽر وينو ڇٽي. هيءَ منهنجي
ڪلپنا آهي ۽ هيءَ سلوڪ پڙهندي جو ڇٽر مونکي
يان ۾ اچي ٿو سو آهي برهما جي ڏن مان گل ٽڙڻ.
ن ۾ ٻيو به ڇٽر آهي جو آهي ڪرشڻ ڀڳوان جي
ستي ۽ سندس ماءُ جسوڏان جو ڪيس نوڙيءَ سان
ڌڻ جنهن ڏان نالو پيس دامودر. هت دامودر معنيٰ
نسان، ساهدار جنهن جي ڏڙ سرير ۾ ساه ٻڌل آهي
جنهن کي دم چوي ٿو ۽ دم جي وصف ٻڌائيندي
چوي ٿو نه اِهو دم اوَنڪار آهي. مصرع آهي:-

دامودر تنهن دم ۾ آهي اوَنڪار

ڪٿي وڃي ٿو ڏڪ هٽي، دم ٿو اندر آهي. سو
اوَنڪار آهي. معنيٰ اي بندا! دامودر تون اوَنڪار
آهين! يعني آڪار به نه نرنڪار به تون آهين، جو
ڏسڻ ۾ اَچين ٿو. تون نه آهين جو گم به ٿي وڃي ٿو.
نه سڀ تون آهين. هيءَ پاڻ سڃاڻڻ جي هدايت
آهي نه ڏسڻ جو ڏانءُ سکه ۽ جنهن اهو پاٺ پڙهي
هنڌايو سو وٽڪار ڪونه ويندو. سامي چوي ٿو هيءُ
ويدن جو ويچار آهي.

وري اُهڙي انداز جو جيون پل ۽ دنيا جي تختي
جي ڪهڙيءَ به ڪنڊ ڪرڇ ۾ چو نہ پيو گذرندو
هجي پر ڪلا جو ست سار ويدن مان ئي معلوم ڪري
سگهبو. شاهہ جو رسالو به اُهڙو ئي دستاويز آهي.
چوڻو:-

روزا ۽ نمازون اِيءُ پڻ چڱو ڪم

نہ اُهو فهم تہ ذهن ڪهڙو آهي جنهنجو واسطو
نمازن ۽ روزن يعني شريعت سان نہ آهي. سو فهم
جيون ڪلا آهي جنهن جو سنبنڌ ذات پات يا دين ڌرم
سان ڪونهي. گيتا ويدن جو سار آهي شاهہ جو سر
آسا، گيتا گيان آهي. تنهن کان سواءِ سر رامڪلي
جوڳي جوڳيءَ، ڪماءِ جو گيت هن دعويٰ جي
پٺڀرائي ڪري ٿو. شاهہ اِسلامي جهنڊو ڪون ٿي
ڦڙڪايو. سر يمن ڪلياڻ صوفي ڪلام آهي. جو صاف
دل سو صوفي. ان سرن جي وچ اِهو احساس ٿئي
ٿو تہ شاهہ صوفيءَ ۽ جوڳيءَ کي ان ڏنگين ليڪن وچ
هڪ ڪئي جو مت ست سمجهي روحاني راز ساڃي
ٿو. روحاني راز جي ڪا تاريخ ڪانہ ٿيندي آهي.
درويش معنيٰ درويش سو ڪنهن پنٿ جي بنيادي
پٿر وجهندڙن جي شمار نہ آهي.

سامي چوي ٿو 'سڀ سچائيءَ ساهہ کي.' ۽ تنهنجي

آد شڪت ڪونڌ ڏيوتي، تن مان ٽيا پنج تت
تتن ڪــون وستار ٿيو، سڀ نياري نــالت
سٿل ڪري سڀ ڪنهنجو، سامي بــنا ممت
لُٽ ڪي هٽي لــست، موٽي سمهيو سيج تي.

(٢) سرت ۽ نرت

پاڻ پرين ۽ ڪٿي ڏات، تڏهن عشق ڏنائون اياچي.
رڙهي ويو رهت سان، جتي ڏينهن نــه رات.
متي ويٺي من مـــان، سامي ڇوي سڀ تـــات
عشق اِلاهي ذات، ٿي ذات سڃاڻي ذات کي.

(٣) پڳي پرم گهڙي

ٽڪي پيٺي ٿــانءُ، ممت نہ رهي من ۾
جڳت ڏسي جڳديش ۾، جڳديش جڳت مانهه
ڳالهه ڇوڻ جي نانهه، ڇڻجي ڪڻن ڇپن سان؟

(٤) ڀيد اڀيد سمايا

ماڙيءَ ڪي در چار، چئني ٻري مشعالڙو
جاڳي جام تماچي، ٿـــالي نوري نـــار
مايا گهونگٽ ڪنوار، تڏي سر ۾ ٿيو سوجهرو.

سامي هرفن مولي هـر ڌهن ۽ رمز پـري پـورن آهي. ويدوادي نہ آهي ٿـي. سا سندس دعوي آهي. پر صوفي اَدب ۽ اظهار جو ٻه ڀاڱي ڀانت جاڻو

اِسم وار هن ويد ويچار جو وستار هن ريت
ڪري سگهجي ٿو:-

(١) ساري سرشٽي ايشور جي رچيل مايا آهي
جا ايڏي پرٻل آهي جيڏو سرجڻهار پاڻ آهي.

(٢) هر ساهداري ايشوري شڪتيءَ جو قطرو
آهي. يعني اَمر اَڏول جوت جو وارث آهي.

(٣) خالق ۽ خلق هڪ ئي ڳالهه آهي. ”خالق
خلق، خلق ۾ خالق“ جو حسابي ڪتابي جوڙ آهي.

(٤) ”هيڪڙائي هڪ ٿيا“ سا آخرين منزل آهي.
ساميءَ پنهنجي سلوڪن ۾ آخرين منزل کي ”نور
محل“ جو شرف ڏنو آهي. پنهنجي اَکري ڪلا جو
ڪمال ڏيکاريندي نالا بدلائيندو به ويو آهي. ڪٿي
’انپو تخت‘ ته ڪٿي ’رام نگر‘ ته ڪٿي وري
’اَڇ‘، ’سير‘ ۽ ’سکپت سيج‘ به چيو اَٿائين. مطلب
ته ٻوليءَ کي شاهوڪار ڪندو ويو آهي. محل کي
منار ڪهڙا. تخت يا سيج کي پايا ڪهڙا. سي گهٽ ۾
گهٽ چار. تڏهن ساميءَ جو دامودر، هيءُ خاڪي
جسم نُور محل، چار مينار سينگار آهي. هڪ هڪ
منار جي اوساري سامي اکري ايئن ڪئي ٿو:-

(١) ويا پڪتا

عجائب قدرت، قادر رچي ڪل سان

تيڙا چور لڌي، سامي راڄ دربار ۾
چور لڌي تيا معنيٰ نڳـــ تڏو ٿيو. تڏهن ڪيڏ
ي جڳهہ ڀرپر والاري، تنهن ڀريـ، ڀرواه صاحب
ڪري نروار ٿيو. نڳـــ، ڪي ڏيڍ نڳـــ، ڪڏي
هر ڪيو. جـــو ساميءَ جو سارڊُول سو شاه جـــو
روح رباب'. سر سهڻيءَ ۾ چوي ٿو:-

گهڙو ڀڳو ته گهوريو، پاٽان هو حجاب
واڄٽ وڄي وجُود ۾، رهيم رُوح رباب
ساهڙ رءِ صواب آئون گهڻ ڙئي، گهوريان

سارڊُول جنهن من مرونءَ ڪي ٻ ٻچاريـو ٿي سو
ماڻ ڦري اَنهد جو آواز ٻڌيو، جو رُوح کي راحت پيو
ئي.

سامي من جي هن بدليل حالت کي حرفـي جوڙ
نو آهي 'من اَمن' يعني من، جو هاڻ من جي ڀاڱو نـہ
هيو مطلب ته چنچلتا ڇڏي محڪم ٿيو. تڏهن
ايو ڀڪو ٻڌو. هيءُ ضدي اَکرن جو جوڙ آهي جـو
ساميءَ جي ڪلا جي ساک ڀري ٿو. عام طرح سان من
من نه ڇڏيو آهي. سامي سو جاڻي ٿو. تڏهن من اَچاه
، جوڙ ڪم ۾ آندو اَتائين ۽ ڪڻن ٿو معنيٰ ڪوٿـي.
مـن جو سپاءُ آهي 'چاه'، ترشنا. سو مـن اَچـاه ٿيو
يعني ترشنا کان مڪت ته ٻوءِ مـن ٻنهنجي سپاو جو

آهي. 'عشق ڏنائون ايائي'، "عشق الاهي ذات!
ڇا حرف آهن ۽ ڇا خيالات جي اُڏام! پر کهڙي
نہ سنڌي ٻٽ ٻنڌ ٿو ڪرائي. ٻولي لس آهي ۽
حرف سولا. پر جيترو سولا اوترو ئي ڳجهہ ڳجهاندڙ
جي ٻار آهن. اها اديب جي خوبي آهي. ٻڌڻ هي
سمجهڻ لاءِ لغت کولڻ جي ضرورت نہ پوي. پر
دماغ جي ڪوٽ ڪوٺن ڪانسواءِ ڪجهہ پاءِ بہ نہ پوي.
هي پروليون آهن.

منزل کي "سيج" چيو اٿائين ۽ ماڙي بہ، جت
سيج وڇائي پيئي آهي. گهوٽ ڪنوار ماڻن تڏهن
سيج جس ڪٿي ۽ ماڙيءَ مشعالڙو ٻري. سو ٿيو خاڪي
جسم محل ۾ نوراني نُور جو نظارو جنهن کي "سر ۾
سو جهرو" چوي ٿو. پر سنڌي ٻار آهي. برابر اَمرت سر
۾ رهيو هو ۽ ڪافي وقت رهيو هو. پر سنڌي اديب
سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي روحاني خزاني جي ڄاڻ
رکي ٿو. تڏهن سامي وڏي فخر سان نوري ڄام
تماچيءَ جي لوڪ ڪهاڻيءَ جي آڌار سٿل جيون
ڪلا جو اظهار ڪري ٿو. ويد ويچار ۽ صوفياڻي
واري! ڇا تہ محفل جي موج مچائي ٿو!

ويڙا ڪرم پيچي ڏسي، پريم پرواه ڪسي
پڌي گاج سار دول جي، جيئن مرگهن جوءِ نجي

د جو پردو هٽي ويو. سو ٿيو لڙ کي لت هڻي،
ثرت وحدت ڪل جي سڪپت سيج تي وڃي
مي ٿيڻ، نوري جام ٿماڇيءَ جيان.

بنياد ڪپي. ڪوئي ٿنيو ڪپي جو محل ۽ چار منار
ڪيءَ پيڙه نهڪي بيهن. سو بہ ڏس ساميءَ ڏسيو
ي. چوي ٿو:-

سامي نگر لڌو، جنهن نگيو آهي جهان کي
محڪم من ٿنهي سان، پريم جي دام ٻڌو
چڙي ول چل پنهنجو، ٿيڙو نگر، ٿڌو
سهجي ساڳر رڌو، سو ڪائي نت خوشيءَ سان.

”ساڳر رڌو!“ ساميءَ گهر جو ڪارخانو ڏنو آهي.
آهي ڳالهہ ٺيڪ، حالانڪ ٻرلي مذاقي آهي.
ڙيءَ مٿي محل ۾ جو وهڻو آهي تہ ضرور رڌ پڇا
تہ ٿيندي. بڪ، تہ ڪونہ مربو. سو من ٿنهي ڪي
ڏهن ٻڌي، تڏهن ڪارج سڌ ٿئي. من چنچل آهي.
ڪار روپ آهي. پوءِ ٿنيو وڪار روپ ۽ محل
ر درشن تہ پوءِ بنياد تہ اُلٽو پئجي ويو. عمارت
ڪٽن ٽڪندي. تڏهن وري ”محڪم من“ ٽجنيس
رفي، هڪ اُڪري جوڙ بنايائين.

پر من محڪم ڪئن ٿئي؟ چوي ٿو تہ پريم جي دام
ٻس. اها ڳالهہ سڄ پڄ تہ سمجهہ ۾ ڪانہ آئي.

نہ رهيو نہ ٿيو 'من اَمن' - سامي چوي ٿو:-

ستگر جهڙو شاهہ، ڪو نہ ڏٺو سين ڪاٿهين
پرچي ڏنو جنهن پُور بي، آتم ڏٺ اَٿاهہ
اڪي پڇيائين ذات پات، اڪي پڇيائين راهہ
ڪري من اَچاهہ، سامي چڏيائين چِن ۾.

هيءَ ستگر ۽ ساڌ سنگت جي مهما آهي جا ساميءَ
جي سلوڪن جي خاص خوبي آهي نہ جي چاهين تہ
مڪتي حاصل ٿئي تہ ساڌن جو سنگ ڪر جئن شاهہ
چيو سنئيءَ ڪي نہ، وچي مرشد ڪر يعني وڏڪار
چڏي، واپس وري ٿن سان مل جن اَڳ -، اِهو پند
ڪچيو آهي ۽ هيءَ گيتا جو گيان بہ آهي تہ راهہ
کهڙي بہ اَچين، جو گڻ ڪپي سو آهي صاف دل
معنيٰ 'من اَمن'. هيءَ ساميءَ جي گيان وارتا جو
مرڪزي منتر آهي. جنهن هيءَ منتر گرهڻ ڪيو سو
سامي چوي:-

چرخو پڇي چاهہ جو وحدت منجهہ ويو

ويدانتي ٻول ۽ صوفيانو لباس - چوراسي لکہ
جوڻين کان مڪتي حاصل ٿي. خاڪي گهڙو اِنسان
پرمن جو پنبدار آهي. هاڻ پرم سب اِچي ويا سو
ٿيو سر ۾ سوجهرو. يعني سرت ۾ نرت جي حالت
جڏهن جيئري ٿي ذات لڳي ڪي سڃاڻڻ ۽ پيد

س ٿڌو ڪئن ٿئي؟ چيائين ’سارڊُول‘ وڄاءِ.
ڊول هڪ وڏو نقارو آهي جو شڪاري وڄائيندا
ن ته مرون پنهنجن ٻرن مان خوف وچان نڪري
ر تين ته شڪار ٿي وڃن. سارڊُول جو آواز مرونءَ
ب ٻر ۾ گونجندو آهي ۽ هوُ ٻڌندو آهي.

من ۾ مار ڪانسواءِ ٻاز اچي ڪونه. تڏهن پريم جـ
نشو هٿ ڪٿي ڪارگر ٿيندو؟ ٽنگ، لفظ ڪم
آندو اٿائين جنهن کي ٻه معنائون ڏنيون اٿائين جـ
حرفي ڪلا آهي. همت رکي اٿائين. ٽنگ، معنو
پڳوان، جو ٽنگن جيان جهان ۾ گهمندو ٿو ورتي ۽ ٽنگـ
معنيٰ چور، من جي اندر ٿي اندر ڪاٽ پيو ٿو هڻي
۽ ٽوڪي سمڪ ڪانهي ٿي ٻوي. هڪ تشبيه ٻسنـ
تصوير چٽي ٿو احوال ڪري ٿو :-

سوئي سپاهي، جو ماري من مواس کي
جڙدا پنج جيتي ڪري، گهوڙي جا گاهي
چڙهي ٽٽي چو ڏول ۾، رام نگر راهي
ڏهه دس دهائي، ڦيري ڦرني فوج ري.

ڦرني ري ۽ ڦرڻ آهي ساڳـ، رڌي خوش ٿي
ويهي ڪائڻ. من مراد ساڳيائي ٻر تشبيه ٻي ۽ تجنيس
حرفي ڪلا ٻه وزندار ۽ هيءَ تصوير سندس هجر گوُ
ڪلا جي ٻه ساڪـ، پري ٿو. منش سمجهي ٿو ته مان
ڪا هستي آهيان ۽ مڇ کي ٽاءُ ڏيئي هلي ٿو. ٻـر
اها خبر اٿس ڪانه ڪا ته ٻـاڻ ڪـي ٽنگي ٿو ٻيو.
سماج سڌارڪ، هجو گوُڪلا جو استعمال جڻن جو
ٽڻن ڪندا آهن. روحاني رهبر ديهه ايمان کي هڪ
وڏو مرض سمجهندا آهن. هيءُ سپاهي ٻه ديهه ايمان
جو شڪار آهي. هاٿي اهو ٽنگ، مست گهوڙو مـن

ي ۔حرفين حرفن جي حرڪت آهي، خيال مڪمل
ي. نه پوءِ ثالث به آهي نه وارث به آهي. معنيٰ
ل پاڻ آهي.

پر پوءِ داغ ڪٿان ٿو لڳيس؟ ڇپائين ڇهڻ ۾ ٿو
ي. چوي ٿو:-

نماڻن جو ماڻ، پلڪ پرانهون نه ٿئي.
وهان ته وهي سامهون، ڏسان ته ڏسي پاڻ.
سامي پرکـــ سڃاڻ، هٿ لائي هٿ نه اچي.

'هٿ لائي هٿ نه اچي' ڇا پرولي آهي! پاڻ
ان کي هٿ لائي ٿو پر پاڻ ئي هٿ لڳائڻ ٿو
ئي. ڏسي ٿو، پر ڏسڻ ۾ ٿو اچي.

هيءُ ويدانت مت آهي نه جو ڪل فعل جي ڪلا
وئي امورت، افعل ۽ اڪال آهي. هيءُ سلوڪ
ولي آهي. باطني ظاهري پيد اپيد جو وستار آهي
و زبان جي ذڪر کان باهر آهي. يعني جنهنجو
رف احساس ئي ٿي سگهيٿو. چون ٿا:-

انيو اشارت، سمجهي ڪو سورمو
جو ڳجهي ڪين اندر ۾، ويلا ۽ وقت
جاڳي ڏئي سڀ جڳ جي، ليکي اٿي لت
لنگهي پنجئي لت، اسٿت ٿئي آنند ۾.

سندي لوڪ کهاڻين ني چڙهيل روحاني رنگ

وياپڪتا

جنهن مان اُٿي وِس، سو وياپڪ آهي وِس ۾
پائي منهن مهراڻ ۾، ڏيئو ٻاري ڏس
سامي چنڊ آلس، جاڳ ته لهين سپرين.

دنيا ضدن جو فسانو آهي. بنياد سرجڻهار جو وڏ
آهي. خود ضدن جو جوڙ آهي. وياپڪ آهي
پر اليپ آهي. گڏوان آهي، پر گڏ به ڪونهي
يعني ته جنهن حساب گڏ جو ضد اَوگڏ آهي تنهن
حوالي سرجڻهار گڏوان نه آهي، هو گڏ اوگڏ کان
ٿالث يعني نرالو آهي. نرليپ آهي، جنهن کي
ڪوئي ليپ يعني داغ نه لڳي. تڏهن گڏوان جو
حاصل مطلب ڇا؟ سا ڪٿا سامي پنهنجي اَنوکي رمز
ڪٿي ٿو.

'وس' ڪثرت جي انداز لفظ آهي. بر پٽ جو
ضد آهي. 'وس' معنيٰ وسيل. پر "جنهن مان اُٿي"
سو ٿيو واحد. مطلب ته وحدت مان ڪثرت ٿي.
پوءِ اڳتي هاي ڇا ٿيو؟ 'وس' ۾ سمائجي ويو ته ٿيو
وياپڪ. يعني "ڪثرت وحدت ڪل" هيءَ سامي ٿو
چوي يا شاهه؟ چپائين پئي. خيال ساڳيو. احوال پئي

سيد جو سچو ين، ساميءَ جو سٽ پرکـــ، ۽ شاهه جو
هو، سسئيءَ لاءِ. ٻن جي ٻوليءَ ۾ لڳ آهي. سسئيءَ
ن لڳ لوساڻيل هئي، طالب هئي نه وڻج واپار لاءِ
ڪار وئي هئي، پنهونءَ جي ڪوچ ۾، پر شاهه هن
ي سمجهائي، تائي گهر وٺي آيو نه ”پائي منهن مهراڻ
“ ”منجهي پيهي ڏس“. تڏهن سسئيءَ انيئو ڪيو ته:-

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ
نه ڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سوُر هئا.

سسئيءَ جي ديهه وديهه، ئي ويئي. مطلب ته
ظاهري عاشق سسئي، باطني معشوق پنهو ٿي پيئي
۽ ’منجهي‘ عشق جي مشق پچائڻ لڳي.
موصل ٻئي در جي ۾ آهي. ويا پڪتا جي حساب
ٻئي برابر آهن. پر سسئي پاڻ پنهو ٿي پئي. پنهو
رهيو ئي ڪونه ٻر موُصل راڻو هر جڳهه حاضر ناظر ڏسڻ
لڳي. پاڻ ٻه رهي نه راڻو ٻه رهيو. ’چوڏس چتاڻو‘
۽ ’راڻو ۽ راڻو‘ هي موُصل جي احساس جا واڪ آهن،

جي ساميءَ جي هن مصرعسان جڙي ٿا اچن:-
وهان نه وهي سامهون، ڏسان نه ڏسي پاڻ.

مطلب موُصل دل جي حساب ته اُٿڻ، وهڻ، ڏسڻ
سڀ حصي رسيءَ حساب راڻي جو فعل آهي ۽ حالت

هن أنهيءَ اِشارت جو ڪمال آهي. پنج تت پتا...
آد شڪت جو اولاد آهي. سو ته ٻنهي پاڻ ٿيو، ت...
پاڻ کان پاڻ ڪيئن لنگهي ويندو؟ يعني ته پنهنج...
ديهه أيمان ڇڏي ته پاڻ ڏسي، هيءَ سمئيءَ ج...
کهاٽي آهي ۽ هن سلوڪ سان گڏ وڏيڪ خلاص...
ٿي ٻيهندي.

سداءِ مهمان، گرمڪ، جاٽي پاڻ کي
سائين سچو مهر ڪري، هٽي سيتل پاڻ
منجهي ديهه وديهه ٿئي، ڇڏي پنهنجو پاڻ
ست پرڪ ساڻ، ميلو ڪري مگن ٿي.

پڇاڙيءَ جون ٻه مصرعون مطلب واريون آهن...
ائين سمجهي ته هيءُ هڪ ديهه وديهه' جي نالي...
سان مضمون آهي، ديهه، وديهه معنيٰ ديهه ديهه ن...
رهي. جئن من أمن تئن ديهه وديهه. ٻر "منجهي"...
يعني ظاهري ديهه کي باطني آبهه تاتي تنجي پاڻ...
ڏنائين سڀ ۾ يا چئه ته سڀ ڏنائين پاڻ ۾. سو ٿيو...
'ليکي ألي لت ڏيڻ' ليکو ٻن جي وچ ۾ ٿيندو آهي.
هيءُ دوئيءَ جو دليل آهي جو گمان ۽ عليل دل جي...
نشاني آهي جنهن جي هجي سيد عبدالڪريم هن...
ريت ڪري ٿو:-

أسين سڪون جن کي، سي أسين پاڻ
هاٽي وچ گمان، صحيح سچائو سڃاڻن.

عشق ايلچي

پاڻ پرينءَ ڪئي ذات، تڏهن عشق ڏنائون ايلچي
ريڙهي ويو رهت سان، جتي ڏينهن نه رات.
متي ويئي من مان، سامي ڇوي سڀ تات.
عشق الاهي ذات، تي ذات سڃاڻي ذات ڪي.

عشق ڏنائون ايلچي! حاڪم جو عيوضي، تنهن ڪي
لچي چئبو آهي. جنهن شهنشاهه جو عيوضي عشق
و شاهن جو شاهه پاڻ ڇا هوندو؟ عشق جو جنم داتا!
ڪل صحيح، جئن بيدل فقير جو ڪلام آهي :-

عشق جو جامو پهري صورت منجهه سمائين.

عاشق - عشق - معشوق. عاشق ۽ معشوق! اسمن
ي جوڙ تہ ڪيي. سو عشق جي زير. عشق حرف
ملو آهي. پر عشق جڏهن ڪا صورت اختيار
ڪري تہ ڇا سڏائي؟ عاشق ڪ معشوق؟ جيڪي بہ
سڏائي پر هاڻي عشق حرف جملو نہ آهي. اسمي
صورت جو آتس. پر جي اها صورت اختيار ڪري
ہ عاشق سڏائي يا ڪ معشوق؟ صورت اختيار
ڪرڻ تيو سرت ۾ اچڻ جنهن ڪي سرجيت حالت
چئبو. اُن ڪان الڳ جي حالت ڇا هئي، تنهنجي

فاعلي راڱي جي آهي، پر 'ڇهڻ' مصدر جي ترڪيب
۾ نٿو اچي، جا مؤمل چاهي ٿي. پر پوءِ جڏهن اٺين
نه ٿي سگهيو تڏهن چيائين ته ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو؟
ڪل راڳو ئي راڳو نه آهي. پر سسئيءَ سان ڇهڻ
جو سوال ئي ڪو نه هو. پاڙهيين ته سڀ ڪجهه هئي
پوءِ ڇهي ڪنهن کي؟ حاضر ۽ ناظر پاڙهيين؟ هئيءَ جو
درجو آهي.

لنگهي پنجئي لست، اِسٿت ٿئي آنند ۾.

يعني ديهه وديهه ٿي ۽ پاڪ جا قند نوڙي ڦرني
کان فارغ ٿي ويهي رهي پنهنجن پڪن ۾.

اهڙي رنگ رچن، سي عاشق معشوق ٿيا.
پڇيائين ته وچ جو مرونو ڪنهن ڪاڻ؟ چيائين
ا حالت فاعلي عشق جي'.

هي سامي آدم جي ڪهاڻي ڪئي ٿو. رمز پنهنجيءَ
چاپ صوفيانيءَ. عشق جي زير بار شاهه خاڪ جو
نو بنايو هو ۽ آگ جي بودلن کي فرمان ٿيو ته هن
رف ال آدم کي سلام ڪيو. سڀني ڪيو. پر
ڪ نه ڪيو جنهن جو نالو عزازيل هو. تڪبر جي
و انڪاري ٿيو هو ته آگ ڪئن سجدو ڪندي خاڪ
ي اڳيان؟ انحرافيءَ جي سبب سزا به پاتائين دوزخ
ي زندان جي. پر آخر ۾ سابه شڪتي هئي. ڪيڏي
ڪت ۽ وِت؟ تنهن جواب عزازيل بندي جي جسم
پرويش ڪري وينو پنهنجو زور آزمائڻ لاءِ. سامي
وي ٿو:-

يو وجي نه من، ڳاڙهو، ڪارو، قمرو
نهن کي ماءُ نه پيءُ ڪو، نڪو ديس وطن
ن ۾ ڪري خيال سان، نيٺي لوڪ گمن
ڪڏهن پني ٿئي پرسن، ڪڏهن سامي روئي راڄ ۾.

ه عزازيل جو نالو 'من' شڪتي آهي. سامي چوي
و نه انهيءَ کي نه ماءُ پيءُ ڪو نهي. پوءِ اها به ته
بل شڪتي ٿي ۽ سا به اهڙي پربل شڪتي جهڙي

سمک سرجيت جيو کي خيرکا آهي. پر ڪجهه ت
آهي.

سرت جان سرجيت جيو، جنهن کي سامي چوي ت
"نور محل" يعني نُور جو درشن. ته پوءِ چو نه چئجي
ته سرت ۽ نرت معنيٰ جيو، يعني ظاهريءَ ۽ باطنيءَ
جي پرک، برک ۽ برق، پر اها برق معنيٰ نور
شکتي اهڙيءَ رمز سمايل يعني پکڙيل آهي جو
ٻئي هک ٻئي جي معنيٰ ٻڌائين ۽ سمجهائين ٿا.
سرت نرت جو وجود آهي ته نرت وري سرت
جي باک آهي. جي فنا ته ٻئي فنا. جي بقا ته
ٻئي بقا. فنا جو سوال ڪونهي چاڪاڻ ته اکين کي
دوکو ڏيئي نٿا سگهون. ته باقي باچي ٿيو بقا ئي
بقا. سو ٿيو ذات جو ذات کي سڃاڻڻ ته ٻئي ذات
"سر" آهيون. پوءِ عاشق سڏائين يا معشوق پر
آهيون "عشق جا اوتار" تڏهن من ۾ هاڻ ٻي ڪا
تات نه رهي.

هيءَ ڪو منهنجو نظريو نه آهي. هيءَ ساميءَ جو
فيصلو آهي ته :-

عاشق سي چئجن، جن لئي عاشق پاڻ ٿيو.

يعني نرت ٿي عاشق ٿئي سرت لئي. تڏهن ٿو
وڏائي سامي چوي :-

جهڙو سنگ تهڙو پر سنگ. هيءَ ساميءَ جو
يدو آهي ۽ تنهنجو پرچار ڪندي چوي ٿو:-

ٻنا ست سنگت جي، وهڻ منجهه وهي
سامي ڪئن لهي، پنهنجي ڏيئي پاڻ کي

'عشق اَگم ۾ آءُ!' ست سنگ عشق جو اَڱڻ آهي.

اُت عشق اَپار جي دونهين پيئي دکي. اِتاهين
ا چڻنگ توکي لڳندي سا تنهنجا ڪپاٽ کوليندي.
هن توکي ياد ايندي ته ڏينهن اَزل مٿي عرش
ا توکي سوغات عشق جي ڏان ۾ ملي هئي سا تو
ڪٿي کوهي ڇڏي؟ عرش مٿي خدا عاشق هو ۽ تون
عشوق. اِها ياد تازي رک. اِنهيءَ ياد جي زور بار
ون دل اَندر درد جو اَحساس ڪندين ۽ هلندي
اندي پاڻ کي ڪوهيو پيو سمجهندين. اِها
اشق جي نيشاني آهي. معشوق جي تلاش ۾ آهين،
ر ڪنهن وقت تنهنجو درجو هو، ته معشوق عاشق
يو. هاڻ تون اُپي ٿو وهين. پنهنجي ڏيئي تو پيو هلين.
عني اَسار سنسار کي تو ست سمجهو هو ۽ سنساري
سکن جي تلاش ۾ رُلئه به ٿي ته ڪاڏهه به ٿي. هاڻ
هي سک، تون اُڪ سمان سمجهين ٿو. تنهنجي
نهيءَ بدليل حالت جو اَحوال ڏيندي سامي چوي
ـو:-

ايشوري شڪتي، جو ايشور کي به ته ماءُ پي
ڪونهي. هاڻ هن ٻوليءَ جو حل ڪٿي نڪري،
اِنسان من کي مات ڏيئي پنهنجيءَ هستيءَ ح
ڇمائي.

'پني ٿئي پرسن' ۽ 'روئي راج ۾' هي ٻه حالتو
آهن. ٻنهي حساب اَحوال بدتر اَٿس. راج ڀاڄي لڳ
اَٿس، ته به روئي ٿو پيو. ٽيڻو ترشنا جي وس پا
هوندي، پاڻ پروس ٿي پيو آهي. گهڻي ۾ گهڻو ڪپڙ
تڏهن هوندي مال به روئي پيو. حالت خراب اَٿس
پنيو ٽڪر ڪائي ٿو گذران ڪري ته به منهن موڙي
ڪنهن ٻئي طرف دوا درمل جي کوج نٿو ڪري،
اَهڙو پنهنجو پاڻ پلائي ويٺو آهي. هيءَ "ڏيئي ڏاڍي
انڌيري" جي حالت آهي. من مواس جي وس اچي
هيءُ ٻاهر پٽڪي ٿو ۽ دل جي طاقي کولي نٿو.
تڏهن سامي چوي ٿو:-

تون ته موڙي من ٻوُن کي، سامي اَندر آڻ.
سامي ته نيڪ ڇيو، ٻر کهڙيءَ ڇڻنگ ڇڻنگائيءَ

جي ڇرت من ڪرهو پنهنجي ڪڏيءَ ڇوڻ ڇرڻ،
ڪنڊن کائڻ جي عادت ڪان باز اَچي. تڏهن سامي
ورائي اَوائلي واڪ جي ياد ڏياريندي چوي ٿو:-

آهي هڪ اُپاءُ، جنم مرڻ دک سوُر جو
سامي ست سنگت سان ملي، عشق اَگم ۾ آءُ.

ر ت جو سلطان، پاڻ کي اِسم عام سڏائيندو آهيان.
م خاص به مان آهيان. سو ڪو عام جو ضد خاص
پر بطور سمجھاڻيءَ هڪ حسابي اِشارو آهيان.
ساب چڪتوُ تيڻ تي اِشارو غائب ۽ نظارو قائم؛
آهي الف (ا) مد آ آدم جو ۽ آتم رام جو
ائي هڪ تي وڃڻ.

عاشق جاڻن اَڪ، سامي سڪ، سنسار جا.

معشوق عاشق ٿيو. عاشق ضرور معشوق ٿي هوندو؟ ضرور. اِهو درجو هاڻ خدا جو آهي. تون طالب آهين ۽ هوُ مطلوُب. تڏهن چئبو ته تو برابر من ۾ن جو منهن موڙي اَندر آندو. هاڻ تون من جي 'قرني ڪان فارغ' آهين. جڏهن اِها دل جي صفائي ٿو ڏني ته پوءِ "مرد ملاح" پرچي، توکي پنهنجو ڪندو، هاڻ، اِهو سوال ته عاشق ڪير معشوق ڪير، معنيٰ ڇڏي ڏيڻو آهي. سڀ عشق ئي عشق آهي. ته پوءِ ڪنهنجو ورثو ۽ ڪير وارث؟ چيائين سوال ئي نٿو اُٿي. هيءَ اُهو ورثو نه آهي جو ڪنهن جي مٽي پاڻان ملندو آهي. هيءَ اَمر ورثو آهي ۽ تون اُها نجوڙي آهين. ڪنهجي تو وٽ آهي. لڳائين نه لڳائين، اختيار تنهنجو آهي. جن کي اِنهيءَ اختيار جي ڄاڻ آهي تن لاءِ سامي چوي ٿو:-

گهڙي لڌائون گهر مون، اَنيئي آتم گيان.

آتم گيان معنيٰ پنهنجي سرنامي جي ڄاڻ پهچاڻ ته مان ڪير ۽ ڪٿي جو رهواسي آهيان؟ مان اِسم آهيان، اِسم ذات، گڻن جي کاڻ، شڪتي آهيان. پنهنجي مرضيءَ صورت اختيار ڪري سگهندو آهيان.

ٽي جيان سير چڙهي، مري مشاهدو ماڻ. ڀڪي ڪ
چي ڏلي، سوڌو پيار جو آهي.

ٻـر شڪايت آهي سامهيءَ جـي تـہ وڏڙو ٻنهي
انن کان ٻاڻ وڃائي ويٺو آهي. نہ تہ ٻہ گڏرا هٿ
رڻ سياڻپ نہ آهي، پر هڪ ٻہ گڏرو هٿ ڪرڻ
و چاهي. پنهنجو هٿ کولي ڏٺو. ٻئي جي هٿ تان
ــــ، هٿائي نـٿو. تڏهن ليلان، چنيسر وڃايـو هوءَ
ـوار يل سيج ٻـگاڙي هئي. تنهن ڳالهہ سامهيءَ اَرمان
ـي. مايا نانـگنيءَ اِشارو ڪري چوي ٿو:-

ڏ نا ٻڌا ڪين ڪي، سي وهڻ پيئي وهائي
وجهي جار پـــرم جو، ڦـلا ڦـي ٿـي ڦلائـي
پنهنجا ڪيو ڪائي، ڪنهنجي چلي ڪانہ ڪا.

"پنهنجا ڪيو ڪائي،" ڇا تـہ گفتو آهي! سيٺ
ـٺ ڏيـاريءَ رات ڀـوڄـن ڪري سيج پـلنگ
ـنگاري سٺو. رسوئي گهر ۾ ديڳڙن مان کٽن ٻلن
ڪائي رڄ ڪيو تہ ٻہ مال ٻڇيو پيو هو. تنهن سيٺ
ـي لڪشمي ماتا درشن ڏنـو. ڏاڍي مـٺڙي آواز
ـڇيو، "اَبـا ڪجهہ کپيئي؟" "ها مـاتـا! مـــون
ـڪين ٿي ديـا ڪر." "هان وٺ اَبـــا." ٻڌو
ـب ايمان ڪـڳيون ٻيو هٽي تہ لڪشمي ماتا ۾ ڪيٽري
پنهنجائيءَ جي ڀاونا آهي. ٻر ٻرم جي ٻولي ٻلايل

ساردُول

ويڙا ڪرم پڇي، ڏسي پر ٻم پرواهه ڪسي
ٻڌي ڳاج ساردُول جي، جيئن مرگهن جوءِ لڇي
تيڙا ڇور لڇي، سامي راڄ دربار ۾.

حقيقت يا ڪ حڪايت! ڪمي ڪنهن پر ڪ
ڪانهي. پوءِ ٻه شڪايت! سو ڇو؟ هيءُ معاملو آه
جنهن چڪر سنسار جو سلسلو هلي رهيو آهي، پر ل
تڏهن تيندي جڏهن اِها اُلجهڻ سلجهي. پر نه اِنهي
ڳنڍ پيچ کلي نه پرلئه تئي پر تئي ٻه ڇو؟ قدرت
آهي سا سدائين قائم آهي پر آهي عجب رنگ
اِسرار، جو سدائين رازئي رهندو.

حقيقت هيءَ آهي ته جيڪي ڪي ٻـ ـ قدرت
۾ ڏسين ٿو سو تنهنجي قد بت جو مقدار آهي
حالانڪ تون قادر نه آهين. تنهنجو سر پر تنهنجو سا
آهي. وجند و تنهن سر جنهن رمز تون تند چوريندين
ڪنهن جي ڪاڻ ڪيڏي نه آهي.

حڪايت آهي ته تون پاڪ ذات جو پاڪ جزو
آهين. يعني اَنُومت انگ. چاهين ته سڀئي جيان پاڻ
پنهون سمجهي، پاڻ پرچي پاڻ سان، هن پار ويهه، يا

ان تون پاسو ڪري هل. اِهي ڪُن آهن، سي
وڪي پاتال پسائيندا ۽ سو اهڙو پاتال آهي جو اُن
ي ترو ئي ڪونهي. چڪڻ آهي، جهٽ ڪري
نندءَ. سڪـ، سمهڻ نه ڏيندءَ. مايو ته ملڻ جي
ڳـ، جو اَتيئي سو پڻ ڪوهي وهنديـن. اَگر تگر
يندءَ. سي چور ڪرم اَتيئي. تون ڪو اهڙو ڀلا
ڪرم ڪر، جو اِهي چور لهي تين ۽ سو ڪرم آهي
ار دوُل لي ڏوُنڪو هڻڻ.

سامي چترڪار آهي ۽ تنهن ڪلا پنهنجو مت پاڻ
هي. جيون سڪو آهي. سڪي پاسا ۾. هڪ پاسي
اپ لڳل آهي شڪار گاه جي ته ٻئي پاسي راڄ
ر بار. شير شيطان جو شڪار ڪرڻو آهي. شير پنهنجيءَ
ڦا ۾ ويٺو آهي. ٻاهر نڪري ته شڪار ٿئي. من
ڦا آهي. شير جو شڪار ڪري، زنجيرن ۾ جڪڙي،
رابدار مازم جي حالت ۾، هن کي راڄ درٻار ڏ رمراءِ
ي ۾ حاضر ڪرڻو آهي. هيءَ جيون جو سڪو ۽ اُن
و سار آهي.

شڪاري شڪار لي هلندا آهن ته پاڻ سان ٻاڄي
ڻندا آهن، جي سار دوُل وڄائيندا آهن. هيءُ نغارو
هي. ڏوُنڪو لڳو آواز ٿيو. اُن کي سار دوُل جي
اڄ چوندا آهن، سا جڏهن مروُن پنهنجن ٻرن ۾
نندا آهن ته ائين سمجهندا آهن ته هاڻ اُت سندن

ٿو ڄاڻي ته مايا درخت جي ڇايا ۽ گهر جو ٻا
آهي. دولت مُعنيٰ دو وقت ۽ ٻه لتون. اُچڻ وق
اڳيان لت هڻي ته سينو سيڌي هلي ۽ وڃڻ وقـ
پٺيان لت هڻي ته ڳڪ ڪڍي ڇڏي ڄڻڪ ڪٻو ٿ
وڃايل مايا ٿو ڳولهي، جا هاءِ! هت اُڇيس ڪانه ٿي

هيءَ مرض آهي. ”مايا ڄار“ نالو اٿس. طبيـ
پڇيو مريض کان، ”اَبا ڪر خبر ڪهڙيءَ ويل ڦاٿين؟
اُتر ۾ مريض آکيو، ”سائين پنهنجي شوق. نڪنهن م
مدت ڪئي، نه ڪنهن زور ڪيو.“ ڇا ته ساميءَ جي
رمز آهي گيان ڪٿڻ جي! وري جو نسخو ڏسيو اٿس
سو سندس ساهتڪ چتر ڪلا جي ڪمال جو بي نظيـ
مثال آهي. نسخو نالي ”ساردوُل“ آهي. سلوڪ
اٿس :-

ويـڙا ڪرم پڇي، ڏسي پـريم پرواه ڪي
ٻڌي ڳاج ساردوُل جي، جيئن مرگهن جوءِ ٽهي
ٿيڙا چور لهي، سامي راج دربار ۾.

’پرش پرڪرتي‘ هيءَ جيو ماٿر جي کاڻي آهي
سا سونهائي ٽڏهن جڏهن وچ پريم جو واهه وهي.
پر ياد رهي ته پريم جو وهڪرو پرش ڏي ۽ نه ڪ
پرڪرتيءَ طرف وهي. اُتي ته ڄار وڇائي ويٺي آهي
ته پوءِ جي ڪرم ٽوڪي اِنهيءَ مايا ڄار ۾ ڦاسائين ٿ

سواڳڻ

جالي جام تماچي، تالي نوُرِي نار.

هيءُ ڪير ٿو ٻولي! هي ڪنهنجا ٻول آهن!
امي ويدوادي يا شاه تصوف گيانيءَ جا؟ ڇيائين-
يءَ گيان جي وادي آهي. ڪير ٻه گهمي ڏسي؛
ڪير ٻه واڪ ٻولي ۽ ٻڌي سگهي ٿو. ”دل جو مندر
ولي، ڏس ته ڪير ٿو اندر ٻولي.“ دل اُها وادي
هي، ماتري آهي. دل سڀ ڪنهن کي آهي. اِنهيءَ
اتريءَ گهمي ڏس. اِنهيءَ ٻڌ ۾ ٻير پائي ڏس ته
وکي ڏيرو ملندو دوست جو. ”ڏي ٿبي لهه تول“
يءَ ڏس آهي.

هيءَ فيلسوفي آهي سنڌي اَدب جو نشان. بنياد
هن سنڌي لوڪ ڪهاڻيون. سنڌي اَديب سنڌي
وڪ ڪهاڻين کان پاڻ بچائي نٿو سگهي. تنهن ۾ شاهه ته
لؤڪ آهي، جنهن سنڌي لوڪ ڪهاڻين کي آتمڪ
نگ ۾ رڱي ڇڏيو آهي. پر ساميءَ ٻه اِنهي ڏس ۾
اڻ جڻن جو ٽڙن ماهايو آهي.

ورچي منڊ ۾ ويهه، ڪاهه نه ڪيچين کي ماڻين.
ويهه ۾ منڊ! ڀنڀور ۾، ڀئيءَ ڪيچين ڪاهه.

رهڻ خطري کان خالي نه آهي. تڏهن ٻه چڙيون وني
پڇندا آهن. پڇڻ ڪهڙو هو؟ اها ته ٿل هڻي ڪين
شڪار ڪرڻ جي. جوءِ چڙيائون، جان وڃايائون،
جهٽ جهانگو ٿي ويا. ٻوءِ رسوئي گهر ۾ ديڳڙي
۾ پيئي، ساڳئي ڪري ڪائي خوش ٿي ويئا. سو سڪي
جو ٻيو طرف. مطلب سڀني جيون ڪلا سمپورن.

سارڊول وڳو. مرون ٻڳو. شڪار ٿيو. پر آواز
جا ٻول ڪهڙا، جو من ٿگ بدي ۽ تڏو تئي. چيائين
سو 'پريم پرواه' جو ڏونڪو يعني سڀ جز پلو، تنهن
۾ تنهنجو پلو. هن نيت، جو ڪم ڪري، تنهن جا
ڪرم سڀ پڳا. اڇا رهت ڪرم چوراسيءَ جي چڪر
۾ نه وجهندو آهي. هيءَ وشو پريميءَ جو گڻ آهي،
جنهن ويا ڪيان هيءَ سلوڪ آهي :-

جهيڻ پايو پاڻ، ملي ساڻ سنگت سان
سو سامي رکي ڪين ڪي، وير ڀاڱ ڪنهن ساڻ
سڀ جو گهري ڪلياڻ، پريتم جاڻي پنهنجو.

هيءَ شاهه جو صوفي آهي، جو ويرين جو به واهرو
ٿيندو آهي.

عاشق جو احوال ڪندي، ساميءَ سورٺ راڳ ڏياچ
کهاڻيءَ اِشارو ڪيو آهي.

عاشق جي آهين، تہ صرفو ڇڏ سر ئي جو
ڏيئي سر سائينءَ اڳيان، پير اڳي پائين.
لڱن لنؤ لنڱن لائين، سامي سپرين سان.

سامي شاهہ جو بيجل آهي. بيجل بہ راڳ ڪي عاشق
ڀانءِ اِنهيءَ سر پڙهايو تہ-

سٽ ڏيئي شهباز ٿي تہ ٽوڪ پرائين.

تڏهن شاهہ جو عاشق راءِ ٿو سڏاوائي تہ -

سر تہ آهي سٽ پر، پر بيو ڪو مڱڻ دان

'صرفي' جو سوال ڪونهي. بيو بہ جي ڪجھ
رين تہ اهو پڻ ڏيان ۽. سر جي تہ توسان شرط لڳل
ي. سو تہ اُنجي پُور تيءَ ٿو ڏيان ۽. مهرباني ڪونہ
ڪريان. تنهنجيءَ تند مونکي مستانو ڪيو آهي،
و بہ اِنتري حد جو:-

مٿو مُور نہ پاڙيان، تنهنجيءَ تند تنوار.

شاهہ چوي ٿو "ٽوڪ پرائين." جنهن لاءِ سامي چوي ٿو
پير اڳي پائين" يعني منزل تي پهچن، سي اُهي جي
ر جو سانگو نہ رکن.

پر ٿوري جام تماچيءَ جي کهاڻي، ساميءَ

ڪهاڻي سسئيءَ پنهونءَ جي آهي. واڪ ساميءَ شاهه جو آهي.

ڏور ڍنڍڙن جو اُتي ڏيهه، ويڻان تي واري وري.

سسئيءَ کي سڃاڻ، ڪندي هيءَ سامي ٿو چوي ۽ تنهن برابر شاهه ٿو چوي:-

ڪر ڪو واڪو وس، پير پنهونءَ جو پس.

هيءَ سنڌي لوڪ ڪهاڻي آهي. طالب جي دين ڌرم جو سوال ڪونهي. طلب يعني نسخو ساڳيءَ ڇاپ آهي ته جن پڇيو تن پاتو. سچو سلوڪ آهي:-

ورچي منڊ م ويهه، ڪاهه ته ڪيچين کي ملين.
ساجهريءَ سامي چوي، پکي پنهل جي پيهه.
ڏور ڍنڍڙن جو اُتي ڏيهه، ويڻن تي واري وري.

ڏاڍيءَ رمز نراليءَ ساميءَ عاشق ۽ سڏڙي جو به احوال ڪري ڇڏيو. عاشق، جو ساجهري اُتي ڏوري يعني پنهل جي پکي جي پڇا ڳاڇا ڪري.

سڏڙي پرسو جو تڏو ماڃهاندو ڪيو ويٺو هجي. تجنيس حرفيءَ فن جو ساميءَ کي شوق آهي. هر هڪ مصرع تنهن فن جي ساک، آهي. توان جرڙ به ٿو ڪم م آڻي. رواجي طرح 'ڇڙيي چڙهي' چوندا آهيون. پر ساميءَ "واري وري" حرف ڪم م آندا آهن.

ڪو ٿيو، سي اُصلي خاندان جـون هيون. ڄام جـو
ر لئين نوڀائي نار ڏانهن. ته رنڊٽي رولو تـه
ـوئي. هن حال جو اُحوال ڪندي سامـي چوي ٿو:-

سڀ ڪا چڪي چڪ، ته آنءُ سهاڳڻ شاهه جي.

جڻ شاهه چوي:-

سميون ڪري سينگار، راءِ ريجهائڻ آئيون

نار جو رينگت بند ڪرائڻ ئي ڏاهپ آهي. تڏهن
ڪم هڪ ڏينهن مقرر ڪيو تـه سڀ هار سينگار
ري وهن. جيڪا سرس ثابت ٿي، تنهن کي ساڻ
ري گهمائڻ وٺي ويندس. سڀ ڏکي ويٺيون،
ءِ هڪ نوريءَ جي، جا اُنهيءَ اُباڻي لباس ۾ رهي ۽
هن حاڪم آيـو تـه، نذرانو ڇا پيش ڪيائين؟ نياز
يا نيڻ ۽ اُباڻا پيرڻ ۽ پابوڙا. هـڙ حاصل ڇـا ٿيو؟
ه چوي ٿو:-

راڻـن ملان رات، ماڻڪ مي پرايو.

مي ' معنيٰ مهاڻيءَ، پين سينـي راڻين جي 'ملان'
ـي وڇان ماڻڪ لال جواهر حاڪم تي جيت پاڻي.
جو:-

مهاڻيءَ جي من ۾، نه گيرب نه گاءُ.

کنهن حد تائين وڌيڪ شوق سان ڪنئين آهي.
شاه جي 'نوري'، سا ساهيءَ جي 'سهاڳڻ'. چوي ت

سهاڳڻ سائي، جنهن کي پرپر جي پنهنجو ڪيو.
پنا هار سينگار جي، خصم کي پائي.

هيءُ سلوڪ نوري جام تماچيءَ جي ڪهاڻيءَ
بدل آهي. هيءُ پرڪ، جي وقت جو بيان آهي
نوري مهاڻي برادريءَ جي نينگر. ڪينجهر ڍنڍ
رهواسي مهاڻا. حڪومت جام تماچي حاڪم جي
ٺٽو نگر ڪراچيءَ جي ويجهو سنڌ جي حڪومت ج
احوال. حاڪم ڍنڍ تي ٻيڙيءَ چڙهي سير شغل ڪر
ڪندو هو. مهاڻن جي بستيءَ ۾ نوريءَ نظر جهٽي
ورتس. حاڪم حلال تي ويو. پاڻ ٻڌي اچي ڏه
ڪندو. مهاڻي راڻي بڻي. سامي چويٿو:-

رب ٿيو راضي، ڏهن سالڪ جو سنگ ٿيو.
ڪامل جي ڪرم سان، ٿي اُنڪ ڪان آجي
ڪنهن جي رهي ڪانه ڪا، منٿ موٽا جي
نوري نواجي، جام سمي جاڻي ڪري.

مجازي ڪهاڻيءَ کي هيءُ روحاني رنگ تو چڙهي
ته "نيچ مان اوچ ڪري ميرا گوبند." جڏهن ڪرم
ڪلي، رب راضي ٿئي ته پوءِ ڪنهن جي ڪاڻ نه رهي.
پر مجازيءَ ٿل ڪهاڻي آهي ته ٻين راڻين کي ساڙ

"جاٽي ڪري" معنيٰ تہ پوري پوري پرک،
ي، جام تماچيءَ نوريءَ تي نوازش ڪئي. هاڻ ٻن
، وچ 'اَنڪ' نہ رهي. نوري ليلان جو ضد آهي.
للان ۽ چنيسر جي وچ ۾ 'اَنڪ' هئي هار سينگار
، جو ڏيهہ اَيمان ۽ مايا جو موهہ هو. حليميءَ جو گڻ
۾ هار جو هٽ هو. ماڙيءَ ليلان ۾ چڙهي ويئي
ي، ٻر ڏيئو ٻجهائي اَندر جو، اونده ڪري ويئي
ي. ۾ نوريءَ جي باري ۾ سامي چوي ٿو:-

ماڙيءَ کي ڏر چار، چئني ٻري مشعالڙو
جاٽي جام تماچي، ٽاٽي نوري نار
مايا گهوٽ ڪنوار، ٽڏي سر ۾ ٿيو سوجهرو.

هيءُ نُور محل جي ماڙيءَ جو چوٿون منار آهي.
' حليميءَ جي هار" مَن کي اَمن ڪري ڇڏيو آهي.
ٿ هن يڪ ٿنڀي چار منار محل محڪم بڻيو آهي.
وٽ ڪنوار مليا، پيهہ اَپيهہ جو پاڳ نہ رهيو ۽
ٽ ۽ جڳديش 'هيڪڙائي هڪ' ٿيا.

’ نہ گيرب نہ گاءِ! ‘ تہ ڇا؟ سامي چوڻو ’حلي
جو هار‘. چوي ٿو:-

سهسين ڪن سينگار، پر سهاڳڻ ڪا هڪڙي.
پاڻو جنهن پرتيت سان، حليميءَ جو هار
يعني هن پرڪ جي ڏينهن ڪل راڻين جي و
ممت مٿائي من جي، ڪا ورلي هاي هڪ.
۽ سا هڪ هئي نوري. ممت مٿائي من جي، حليم
جو هار، نہ گيرب نہ گاءِ، ڳالهہ مڙئي ساڳي. سامي
شاهہ ڀيلهہ ڀيا هان ۽ اُن هڪ جي باري ۾ سامي وڌ ي
ڇا ٿو چوي:-

جنهن ڇڙهي سڪپت ٿي، سامي لاٿي سڪ
جنهن برابر شاهہ چيو آهي:-

نوري نيئي گاڏيءَ چاڙهي گندري.
تہ سڪپت سيج ٿي گاڏي. تڏهن شاهہ چوڻو
حاڪم ”حجت يڳي راڻين“ جي. جنهن برابر سامي
چوي ٿو:-

ڀون سڀ چڻن چڪ سمجهہ ورائي سڪيون.
شاهہ چوي ٿو ”نوري نيئي.“ جنهن برابر سامي
چوي ٿو-

نوري نواجي، جام سمي جاٽي ڪري.

ل جي ڄاڻ ڪانهي ۽ نڪي غرور! اَصلي ڇورن
ٻاٽاليدار، مَن، نہ ديرو دمن جمائي ٽن منڊر ۾
و آهي، تنهنجي سڌ سماچار رکي !نٿو. اَڄايو ٻيو
ليڪو ڪٽي. اَرمان ڪائي ٿو سامي چوي:-

ورلو ڪو ڪري، ديا پنهنجي پاڻ تي
ڏيکيا ڏات گرن جي، هردي منجهہ ڌري
ممت مٽائي مَن جي، سامي اَجر جري
پلڪ نہ ٿئي پري، سٽهہ سڌ سروپ جي.

ڇا نہ چترائي رکي ڇت ۾ ٿو سامي ڪٿا ڪٿي!
ڪري ديا پنهنجي پاڻ تي!" ڇا مطلب؟ ڄاڻڪ
ي ۽ ڪي ڪا غرض پئي آهي.

ويئي سا نہ ويئي، باقي رهون رهت سان
سامي سچرين ڪي، اَندر پس پيهي.

هي ۽ مانڪا ڏيهي، مٿان موٽي ماڻهئي ڪين ڪي.
ي سادي. ٻار بہ سمجهي تہ سامي ڇا ٿو چوڻ
هي. ممت مَن جي ڇور آهي جا تنهنجو اَندر
نڌاهون ڪري ويٺي آهي ۽ ٻاهران ٿون منهن
ي پيو هلين. اِها ممت مٽاءِ ۽ پوءِ اَندر پس پيهي
سڌ پوئي سٽهہ سروپ جي. اَکر شيرين زبان جي
ڪـ، پرين ٿا ۽ ٻار ائين ٿو سمجهي تہ سامي ڪيس

سچو سپاهي

سوئي سپاهي، جو ماري من مواس کي
جوڌا پنج جيتي ڪري، گهوڙي جا گاهي
چڙهي تنهن چوڏول ۾، رام نگر راهي
ڏهه ڏس ڏهائي، ڦيري ڦري فوج ري

ٽڪو نقطو عشق جو، ٽڪو نانا جو نقطو. هي
ساڌارڻ گيان آهي. ڪا روحاني راز اُڌام ڪانهي
جيڪي ڏسجي ٿو، تنهنجو ئي بيان آهي. من موا
۽ منش جي وچ، ڇڪ تاڻ نوڙ راند آهي. چتر
جو شوق اٿس. سو چتر چئي ٿو گيان ڪٿي، ج
سمجهڻ ۾ به سهوليت ٿئي ۽ وار تا خشڪ به نه لڳي
ساڌارڻ جيو کي اِها ڄاڻ آهي ته پنج وڪار
ٿيندا آهن، ۽ اِنهن وڪارن تي قابو پائڻ ئي جيو
ڪلا جو سڦل اَسڦل اندازو آهي. هيءَ ڏيهه اپسم
جي تصوير کينچي اٿائين جا سامهيءَ جي هڄو گؤ
جي ساڪ، پري ٿي. منش چتر! منش سپاهي
سپاهي مڇ کي تيل مکي، ڪلهي بندوق رکيو، اَ
وچ پيو ڪري ته مان پهري خبردار آهيان. مجال آه
جو چور هتان پڄي چئي. تنهن سامهيءَ کي هسي آئي

. چوي ٿو:-

ڻي لت نہ لوڙهي، مانک ڏيهہ اَمول کي
هن کي چاهين ڏيوتا، نت تيئس ڪروڙ
مي ست سنگ ڪري دل سان من جون واڳون موڙ
اڳي ٻنڌن ڇوڙ، ٻنهجي هٿين پاڻهين.

”واڳون موڙ“ جو اِشارو جانور ڏانهن آهي جو
واريءَ جي ڪم ايندو آهي ۽ صلاح ڏئي ٿو سوار
ي. من کي گهوڙو ڇيو اَٿائين. نہ هيءَ تصوير ڪيترين
گهوڙي سوار سپاهيءَ جي، تہ واڳ، سنڀال. مثال
ست گهوڙو ڦيري نہ هٽيڻي پٺ ۾ ۽ تون اِنهيءَ
رور رهين تہ تون گهوڙي تي سوار آهين. ياد رکہ
اِهو گهوڙو ڪنهن مطلب سان ماٺ ۾ آهي. اِنهيءَ
وقعي جي انتظار ۾ آهي تہ تون غفلت ڪرين ۽
نو اُنجو فائدو وٺي. تنهن ڪري جاڳندو رهہ ۽ هن
انک ڏيهہ اَمول جو قدر ڪر.

جيڪو هوشيار رهيو، تنهن جي تصوير ڇٽي ٿو تہ
ءُ ڇوڏول ۾ چڙهي رام نگر راهي ٿيو. گهوڙو
نيءَ وانگ آيو ۽ چال جي چلولائيءَ کان باز آيو
ڏانهن سوار ٿيو سچو سپاهي نہ تہ ڏاروت، اُٺ چاڙ ۽
اجا ڏيهہ جو غلام.

لاڏ ڪوڏ مان لولي ڏيو پيو سڄ جي پرورڏ ڏيئي
ستي پياري.

انگلستان جي مشهور هجوگو ڪلاڪارن م
شريمان سفٽ هڪ ناميارو ڪلاڪار هو. ”گليورس ٽرولس
گليور جو سفر نامو سندس مشهور ڪتاب آهي. د
ايمان جو هڪ بي نظير پات آهي. ڇهه فٽ
لنبو جوان سمهيو پيو آهي. ٻه ٽي انچ قد وا
جيئامڙا انسان، سندس موٽي سرير سان حرڪت
ڪن. هيءَ جوان ننڊ ۾ آهي. ننڊ ڦٽيس ڪانه ٿي
مڇر جي چرپر ڪان جو خارش ٿيندي آهي، تنه
احساس هُو ٻاڻ کي ٽدڙا ڪيدي، ڪونگهرا پيو هڻي
آخر جڏهن اٿيو ته ڪن کي ڪٽي ۽ گيدي
وڌائين. هلڻ لڳو. ٻر اٿي اڇي ٻهتو جت سٺ ف
آدمي هئا. تڏهن هڪ ڇوڪريءَ کيس ڪٽي هڪ
پڃري ۾ بند ڪيو جئن طوطي کي بند ڪبو آهي
اڇي مارڪيٽ ۾ رکيائينس. ٽڪيٽ لڳي ويئي
ماڻهن تماشو ڏٺو، ڇوڪريءَ پئسا ڪمايا. سڪيا پا
ڪان پاڻهين پڌري آهي. ٻر جيڪي روحاني رازدا
هوندا آهن. سي درد سان گڏ دوا به ڏسيندا آهن
تڏهن سامي اِنهيءَ ديهه ايماني سپاهيءَ جي حوالي
۾ گهوڙي جي تشبيه جو وستار ڪري اڳتي وڌي

عشق جو نقطو

عشق جو نقطو، سمجهو جنهن سامي چئي
ڄاڻندي تنهن جهان مون، ليکو ڪيو چُڪتو
ڪري من مڪتو، سمهيو سڪپت سيج تي.

جيڪڏهن ساميءَ جي سلوڪن جو سرشتو 'سرن'
ي حساب ڀيارجي ته هيءُ ساميءَ جو سر 'عشق'
ي، جنهن جي برابر آهي شاهه جو سر "سورٺ".
شق مڪتيءَ جو ساڌن آهي ۽ ساڳئي عقيده شاهه
ي سر سورٺ ۾ شاهه جي آيت آهي:-

راز ڪيائين راءِ سين، ڪنهن موچاري مهل
"أنا أحمد بلا ميم" سين هنئي سائـل.
ڪنهن ڪنهن پئي ڪل، ته هردوئي هيڪ ٿيا.

جت سامي چوي "سمجهو جنهن" اُت شاهه چوي
ڪنهن ڪنهن" پئي ڪل. ڇاجي؟ ته "هردوئي
يڪ ٿيا." ڪير "هيڪ ٿيا؟" چيائين:-

راجا راڄاڻي، هردوئي هيڪ ٿيـا.

مطلب ته راءِ ۽ ٻيجل هڪ ٿيا معنيٰ ته جيڪي ٻيجل
يو سو راجا سمجهو ۽ ٻيجل ڇا چيو؟ چيائين ته ميم
ن أحمد پڙه. أحمد ذالو آهي ماڻهوءَ جو. تنهن مان

'رام نگر' جو اشارو ڪنهن مڪتي ڌام سان
آهي، جو هن ٻـار آهي، نه حوالي جا لفظ آ
'ڏهه دس' معنيٰ ڏهه طرف، جنهن جو مطلب هي
جهان آهي. معنيٰ ته تو جي من کي ماريو آهي يعن
اهي پنج وڪار هن کي گاهه کون تا ڀڄائين تـ
پوءِ تو پرم پولي ڦرني کان مڪتي پاتي آهي. ڦر
من جو ڌرم آهي، تنهن کان تو هن کي موڙي ڇڏ
آهي. هاڻي تون ٻي اونو هن سنسار ۾ 'ورچ
سڀنيو واپاري ٻڌو اٿئون. هوءُ آنند جي سيج ماڻيندڙ
آهي. هن پاڻ پليو آهي. خود تـي ڀري خبردا
آهي، يعني سچو سپاهي آهي.

ـد' معنيٰ گولو غلام. ٿو ن حق جو عبد نـہ آهين
ي عبدالله نہ آهين پر خود 'حق' آهين يعني ڇئہ
الحق'، يعني أحمد نہ پر أحد -

سچل جي وات سامي بہ چوي ٿو:-

مورکـ، سڀ منجهي، پيا ويدن جي واچ ۾
سامي لـکـ سروُپ جي، کنهن سياڻي سمجهي
جنهن کي ڏني کنجي، ستگر عين عشق جي.

أحمـد سروپ نہ آهي. سروُپ أحـد آهي.
الحق سروُپ نہ آهي. سروُپ أناالحق آهي.
ستگر جي سکيا آهي جنهن پاڻ جو سرو آهي
ين عشق جي" يعني أصلي عشق جو نقطو يا نسخو،
ويدن پڙهڻ سان حاصل کو نہ ٿـو ٿئي. اِهـا
کن جي وانڊر آهي. مورکـ جو ضد گرمکـ. نہ
ک أهو جنهن کي سروُپ جي لکـ پئي. يعني
ن پاڻ سڃاتو. هيءُ گرمکـ جنهن صوفياني کلام
ي عاشق چوي ٿو تنهنجو گڻ آهي. هن ٻيڊ جي
ئي ڏيندي سامي چوي ٿو:-

گرمکـ ليکي کي ڇڏي، پيرَ اڳي پائين
سامي لنؤ لائين، وڃي أنيءَ جي آکاس ۾.

' لنؤ' معنيٰ عشق ۽ گرمکـ معنيٰ عاشق. آکاس

'ميم' ڪڍي ڇڏ ته رهيو اَحد، جنهن کي حد نه هج
ٻيجل ڇيو راڳ کي نه ڇڏ نه "مان اَحد آهيان." اَح
خدا ڏي اِشارو آهي. معنيٰ ته 'مان خدا آهيا
مطلب ته خود ۽ خدا جي وچ، ڪوئي فرق ڪو نه
هيءُ عشق جو نشو آهي.

منصور حلاج تي عشق سوار هو. تڏهن 'اَناالحق
جو هن نعرو هنيو هو. يعني 'مان حق آهيان
مطلب 'ٻيو' نه آهيان. سامي ءَ جي حساب ڇڏيو ته
منصور "ليکو ڪيو چڪتو." ليکو ٻن جي وچ
ٿيندو آهي. ٻه رهيائي نه، ته ليکو چڪتو سمجهو
گهر جي. يعني نه رهيو لهڻيدار ۽ نه رهيو قرضدار
ته باقي حالت ڇاجي رهي؟ ڇيائين مڪتيءَ جي
من مڪتو ٿيو. قرنن کان مڪت ٿيو. قرنو هو ته مان
اَحمد آهيان. هاڻ ڄاڻ ٿيس ته اِهو نالو اَحمد ته
سنساري وهنوار جي سهوليت، اُنس رکيو ويو آهي
سنساري وهنوار شريعت آهي. پر حقيقت آهي ته
مان اَحد آهيان. تڏهن 'اناالحق' جو نعرو مڪتيءَ
جو مارگ ٿيو. سچل کي سندس مرشد هادي ءَ به
اِهائي راهه ڏسي هئي. چوي ٿو:-

عاشق اَناالحق، آکيو پيو آکيج
هادي عبدالحق، حرف هدايت هي ڇيو.

ڪري. ڇوين ٿو ته هن سرير جي ذريعي مون
ست جو ديدار ڪيو آهي سو سرير ڇڏي ۽ بهشت
هاڻ، سو ڪفر آهي. صوفين جي خيال جي اُڏام
ه ڪا حد ناهي.

هيءَ درويش جي جيون ڪلا آهي. هنن ڪي
ڪ سل، ڪيا آهن سي بيا سواد ڇا ڄاڻن ۽ اُهڙن
سامي ڇوي ٿو ته تن "پاڻ ڏنائون پاڻهِ نرڪي
ن". هيءَ ڪو خردي‌ءَ جو واڪ نه آهي. پر سچ
پروڙ آهي ته هوُ خود جوتي سروپ جو جمال
، يعني ديد به پاڻ ته ديدار به پاڻ ۽ جي هوُ
لحق ڇون ٿا ته اِهو 'بي حد واڪ' سندن سپاءِ
ي، اَيمان نه. اِها سندن ڪمائي آهي، ڪچائي نه.

معنيٰ پولار. عاشق اُت رهن ٿا. هيءَ خيال جي
آهي. مطلب ته عاشق سنسار جي رات دن جي
کان ٻاهر آهي. هُو اُتي رهي ٿو جت نه رات
نه ڏينهن آهي. معنيٰ عاشق پنهنجي مستيءَ ۾ رهي

اِها مستي 'لاطمع' جو نسخو آهي. عاشق
'نيهي نر' سڏي سامي چوي ٿو:-

نيهي نر نهڪام، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو
ڪٿي جنهن گرگيات سان، طمع سڀ تمام
اندر ٻاهر نپ جان، ڏسي رمتا رام
سرڳ، جهڙو ڌام، سامي جاڻي سپنو.

سا هئي سهڻي ۽ سچي شاهه جي، جن موت
ملائڪن کي چيو:-

ڏي طهورا تن کي، جي سڪن لاءِ شراب.

'طهورا' بهشت جو شراب. عاشق کي تنهن
ڪاڻ ڪا نهي. عشق سودو نه آهي.

ويهين صديءَ جو صوفي سائين ٽيرٿداس ڳيا
اَڃا وک، اڳتي ٿو وڌائي. هڪ فقير کي موت
جي بستري تي ڏسندي پنهنجن سائين کي چو
ٿو ته هيءَ فقير موت جي ملائڪن کي هيءُ سرير ڇڏ
کان اِنڪار ڪري ويٺو آهي ۽ بهشت جي آچ قبو

ڳائي ويا آهن. عين اکر، الف ب جو آهي.
ين به اهڙو ئي اکر آهي. نون (ن) نقطو به اُنهيءَ
مار آهي. پر ڪٿا جا ڪٿي ويٺي آهي سا اِنهيءَ
ف بي واري پاشا کان ٻاهر جي آهي. عين صورت
علي عشق جي، تنهن ۾ غين وڌو ۽ ولو غير جو.
عني دوئيءَ جو دليل. هاڻ اهو نقطو ميسار، ته نون
ين جي عين ٿين. يعني عليل دل غير يعني وير پاو
اري سڌرجي خليل دل خدا جي دوست واري
ٿي. خدا عين عشق جي صورت آهي جنهن بيدل
ٿير چوي ته "عشق جو جامو" پهري، خدا عرش
ان لهي هيٺ فرش تي آيو آهي. خدا وحدت آهي.
رش تي آيو آهي. فرش تي آيو ته وحدت وڌي
ڪثرت ٿي. يعني وحدت ڪثرت ڪل جي
ڪهاڻي آهي. آدم جي اوتان جي ڪٿا سامي ڪٿڻ
چاهي ٿو ۽ سر و آهي، "نانا جو نقطو" ۽ مقصد
آهي ته واپس ڪثرت وحدت ڪل تي وڃي.

هاڻ نانا اکر جي بناوت مان جي نقطو 'ن'
ڪڍي ڇڏبو ته باقي صورت رهندي (ا) الف جي.

يعني اکر الف پڙهي پهتو ٿي. الف اکر سان الله
اڪبو آهي. ته هن سيد عبدالڪريم چيو آهي:-

نانا جو نقطو

پڙهي ٽئي پختو، ڪو گرمڪ اڪر پر پيم جو
ڪيڏي چڏي ڪوري ڪري، نانا جو نقطو
ڪري ليڪو سڀ سان، چت منجهان چڪنو
سدائين مڪتو، سامي رهي سياءُ ۾.

'نقطو' ۽ 'مڪتو' ٽنهن چا جوڙ لهڻو! نقطو مع
پڙي. 'نون' وارو نقطو آهي. پر مطلب ته، ص
چٽو ڪونه. هيءُ سامي سنت سڄان جون شاعر
روحاني رمز پر وليون آهن. سمجهو ڪو سمجهي
سو دم مان ڪونه ٿو هٽان. پر اِئين برابر آهي ته ساهه
ڪيتري ۾ تنقيد نگار هڪ ڳري ٿوپي آهي، ج
اديب جا ارمان، سي هنجا گمان. جي هن جي ڪ
نه جن سي هنجي من. مطلب ته، ڪلپنا جي چو
ڪلپنا، سا ٿي تنقيد جي ڪيڏ بازي. ڪٿي ڪوت ڪٿي
واڌ، پر ڪمال ڪل رچنا جو آهي.

تڏهن مضمون ۾ ڏنل پرولي "نانا جو نقطو" ڪ
۾ ڪتا آهي. "نقطي" جو ناز، نظم ۾ خاص طور
گهٽيئي اديب ڪئي ويا آهن. يعني انجو اندا

وفياني رمز چوڻ ته ڪثرت وچي وحدت ۾ واصل
ي. يعني آلم رام ۽ آدم هڪ ٿي ويا. نون نڪرڻ
ن پوء جو الف بچي ٿو، تنهنجو اوچار 'آ' آهي سو
ڪ آلم جو ۽ ٻيو آدم جو. هڪ ٻئي جي سامهون
آ آ) بيٺا آهن پر فرق ڪونهي. ساميءَ جو
لوڪ آهي:-

محبتي مگن، رهن پنهنجي حال ۾
سامي جاڻن ڪون ڪو، سڪ ٻنا ساڌن
ڪيائون ويساه سان، پرچي من پون
سڀ انگي سمپن ڏيئي ڏنائون ڏيهه ۾.

هي جن نانا جو نقطو ڪڍي ڇڏيو، تن جا ڳڻ ٿو
ر نٿ ڪري. هڪ ڳڻ ويساه، ٻيو سڪ. اِنهيءَ ٻنهي
ـي ٻيلهه هو ڏيهه ۾ ڇا ٿا ڏسن؟ سڀ انگي
سمپورن ڏٺو معنئي نُور الاهي، جو هر رمز ۾ هر
نگ پري پُورن آهي. مؤصل واري 'چانڊاڻ'

'نانا' جو ضد 'ها ها' هيءَ آدم جي کهاڻي
آهي جا شاه عمر ماروئي جي سر ۾ ڪڍي ٿو - عرش
ـڻي الله سان 'ها ها' ڪري آيو هو ته تون منهنجو
مالڪ آهين.

اَلست برَبڪم، جڏهن ڪن پيوم

ٽون ڇڏ الله هيڪڙو، ٻولي ٻي ۾ سڪ،
سچو اکر من ۾، سوئي لکيو لک.

جو سيد جو 'من' سو ساميءَ جو 'چت' جنهن چت ۾ ڏيان الف (ا) تي ڏريو، تنهنجو چت ليکي يعني ڦرڻ کان مڪت. هيءَ الف جي اوسٿا جو ڪمال آهي. ناستڪ ۽ آستڪ ٻئي انهيءَ هڪڙي ۾ آهن. نقطو نڪتو ته آستڪ يعني الف جي اوسٿا ورتائين. سامي اکر الله جي بدران 'اکر پريم' جو ٿو ڪم ۾ آڻي معنيٰ ساڳي آهي. جنهنجو من پريم سان ڀريل آهي تنهن لاءِ غير ڪوئي ڪونهي. هو غين کان ڪم ڪونه ٿو وٺي پر عين عشق کان. يعني نقط بن غين ٿو پڙهي جڏهن نقط بن 'نانا' ٿو پڙهي. جنهن کي غير نه آهي تنهن کي وير نه آهي. جنهن کي وير نه آهي سو سڀاو ۾ سيتل آهي. هيءَ الف الفت جو پاٺ آهي، جو سامي سيد جي پيرائيءَ ۾ پڙهائي ٿو.

'نانا' ۾ ٻه نون ۽ ٻه الف. نقطو نڪتو ته ٻه الف بچيا. هڪ الله جو ٻيو انسان جو. الف الف ۾ فرق ڏسڻ ڪونه ٿو اچي. يعني الله ۽ انسان گڏجي هڪ ٿي ويا هاڻي. سامي تنهن حالت کي آتم رام جي جاڻ جو نالو ڏيئي ٿو جو آهي

تنھين ويس ڪيوم وڃن ويڙھيچن سان

مارئيءَ جو ملير تيو أصل وطن جو مارئي ياڻ
ي چاھيوءِ ڄيائين ته ڏينھن أزل جي، منھنجو اِقرار
يل آھي ويڙھيچن سان، تنھنڪري مان أنھن جي
ندديس. مارئيءَ عمر جي اکڙين جي
وقت کان منھن موڙي ويئي ۽ ڪيت سين کي ٿي
ان ۾ رکيائين. تنھن برابر سامي چوي ٿو:-

جاڻي جاڻ ڪدي، ڪري ھڪ خاوند جو خيال
سدائين نهال، رھي پنھنجي حال ۾.

مارئي ھڪ خاوند جي خيال ۾ ٿي مگن رھي.
ڳالھ ٿي نه پيئي ٻڌي. شاه جي "تنھين ويس
ڪيوم" جي برابر ساميءَ جا أکر آھن "ڪرل ڪن
وم" يعني آواز ڪن پيوم. ڪھڙو؟ أزل جي
يھن وار و اِقرار - "قالوٗ آبليٰ."

مارئيءَ جيتيو. عمر ھاريو ۽ أمانت ورڏي
پس ورائي. تڏھن مارئيءَ کي شاباس ڏيندي
وي ٿو:-

رھين پولي پاء ته سھجي ملين سپرين.

"جاڻي جاڻ ڪدي" چڏڻ آھي "پولي پاء"

• قالوا أبابلِ • قاب سين، تڏهن لاءِ چيو ته:

”چا مان توهان جو مالڪ نه آهيان“ تڏهن مون قاب سان، دل سان، 'ها ها' ڪئي هئي. پر زمين تي اچي 'نانا' جي ٻولي ۾ ڳجهي ويس. جنهن باري ۾ سامي چوي ٿو:-

حرص هلاڪ ڪيا، ٻيڪ گرهستي لوڪ سڀ
ڀلي سار سروپ ڪان، ڦسي منجهه ڦيا.

'حرص' ٻه ماڻهو سمجهي سگهي ٿو، انسان جي ڪمزوري آهي. پر ڦسو ته اوديا جو اوگڻ آهي. يعني ڏنو ڏوهه آهي. هن باري ۾ سامي چوي ٿو:-

اڪڙين جو استان، جڳت چوي جاڳرتا

يعني هيءُ سنسار، جو اکين سان ڏسون ٿا، سو اسار آهي پر اسين چئون ٿا ته نه، هيءُ سنسار جاڳرتا معنيٰ سار آهي. تڏهن هوءُ ڏيهه، جت اسين اقرار ڪري آياسين، سو ڪوڙ ٿا سمجهون. تڏهن ته ويساه گهاتي ٿياسين!

پر مارو‏ئي اچا، اصل رنگ رنگيل هئي، تنهن عمر جو ڪوٽ معنيٰ هيءُ سنسار ڏسي ۽ حرص هواس جي، ساري سامگري ڏسي چيو:-

۾ عمر جو ڇا ٿيو؟ شاهہ صاحب تنهن جي ٻچار نہ
ڳي آهي. ۾ سامئ آدم جي کاڌي ”ڏاڏا جو
ار“ جي حوالي ڏوڙ ڌائين ڪئي آهي. يعني عمر
ي حال جو بہ اَحوال ڏنو اٿس.

عمر مارئيءَ جي قصي ۾، عمر عزازيل سمجهيو
يندو آهي. جڏهن محبوب جو فرمان نہ مڃي ڪري،
نداني دوزخ جي سزا ڀڏائي ويئي هئي، تڏهن هن
ـدولي ڏني هئي خدا کي تہ مان تنهنجي بندي کي
ي ايمان ڪندس. يعني اِقرار کان گمراهہ ڪندس.
ؤ منهنجيءَ سيج سمهندو ۽ نہ ڪ تنهنجيءَ. تہ آدم
حوا جي جيڪا کاڌي آهي تہ هنن عدم جي باغ
علم جي وڻ جو ميوو کاڌو ۽ اِقرار کي قرار ڏيڻ
ان منهن موڙي ويا، جا بہ اَوديا آهي، سا حرڪت
عزازيل جي هئي. سامي تيڏانهن اِشارو ڪري چوي
ٿــو:-

سمجهي پت سامي چئي، تون اَوديا جو انگور
ثابت رکج مور، متان شاهہ پچي ليڪڙو.

مارئيءَ مور ثابت رکيو ۽ شه ڏيئي شيطان کي
واپس وطن وري.

پر ڪيمت سين کي ڪا ٻي سهجي. هن رام سيتا

رهڻ. ۽ ڏاڍيءَ ڳوڙهيءَ رمز سامي چوي ٿو ته اِه
به اَوديا آهي. يعني سنسار جي ڄاڻ رکڻ به ت
وديا آهي. سا ڄاڻ نه رکڻ اِنهيءَ حساب اَوديـ
ٿي. پر جو اِنهيءَ حالت رهيٿو تنهن کي جاهل کو
چئبو آهي پر اَبوجهه جو ڳڻ آهي ۽ تنهنڪري اَهڙن
سان صاحب راضي رهندو آهي. سامي چوي ٿو:-

عجب اِسرار، آهي شاهه عجيب جو
اَوديا ٿي عاشق ٿيو سامي سنڌ جو ٻار

تڏهن ڀڳوان رُوپ ڪيمت سين مارويءَ روپ بندي ٿي راضي ٿيو. "سنڌ جو ٻار" معنيٰ ڀڳوان. رمز ۾ رمز! ڀڳوان نه ڄڻي نه ڄاپي ۽ پوءِ به چئون ته آهي، ته ٿيو ڪوڙ ڳالهائڻو. پر ويساهه جو سوال آهي، تنهنڪري روا آهي. پر ڪوڙ به ڪنهن حد تائين روا آهي. ڀڳوان جي هستي ۽ وجُود مڃي سنڌس ڪا ماءُ مقرر ڪريون سو ٿيو حد ٽپي وڃڻ. پر ڪجهه ته چوڻو آهي. تڏهن مزاڪ ئي مزاڪ ۾ سامي چيو "سنڌ جو ٻار" يعني عورت جاءِ ڄڻي ئي ڪانه. ساميءَ جيڪڏهن اِها ڪٿا ست سنگ ۾ ڪئي هوندي ته ست سنگين ۾ واهه جو ٽهڪڙو اُڇليو هوندو.

ز تي، جا ٻها ٿا جي هونگار هڻي. ٽـڏهن ٻـي
ع ۾ ساڻي چوي ٿو:-

وينا جي ويساه سان، سي نر ٿيا نرمل.

ته اَڄ عزازيل به نرمل نـر جي شمار اَچـي ويـو.
ۓ سنڌي لـوڪ ڪهاڻـيءَ جي اُڏام آهي. جنهن
ياد ساميءَ "نـانـا جو نقطو" جي نظاري تازي
رائي آهي.

وارو قصو ٿي ڪيو. ماروئيءَ جي پرک، تي ور ڏائين نه پورو آهي يا نه. سو لوه جي ڏنل شيخ کي هٿ لڳائڻو هوس. سا خبر عمر کي پيئي، سو جهٽ ملير ڏ وڙيو نه ماروئيءَ جي پک ۾ شاهدي ڏيان نه هوءَ پورو آهي، هيءَ اصلي سنڌي ڪهاڻي آهي. ۽ ڇا روحاني راز ٿي سلي نه الله ڏاڍو آهي. جو عزازيل بندي کي بدنام ڪرڻ لاءِ اُتارو هو، سو اڄ انهي بچاءَ ۾ وڪالت ڪري رهيو آهي. پر ڪيئن نه مڃيو. تنهن کي پنهنجو مطلب هو. عزازيل بندي تي عاشق ٿي پيو سو جڏهن ماروئي هٿ وڌائي شيخ ڏنل ٿي جهلي نه اُمنگ وڃان عمر به هٿ وڌايو. ضرب ڪنهن کي ڪانه رسي. تڏهن ڪيئن سڀني ٻنهي کي ڪٽي پاڪر ۾ ڪيو ۽ ٽيئي پرچي ويٺا پاڻ ۾. سامي چوي ٿو:-

سدائين سيتل، ڇاپا ٻوٽ ٻرڃ جي.

هيءَ اهو ئي عدم جي باغ جو ٻوٽ ٻرڃ يعني علم جو وڻ آهي جت شيطان جيت پاڻي هڻي. پر اڄ عشق جي چوٽ 'نانا جو نقطو' پاڇي ويو ۽ سو ٽيو 'سر ۾ سوجهرو' سا ٿي ٻوٽ ٻرڃ جي سيتل ڇاپا. نانا جو نقطو پاڇي وڃڻ ٽيو ويساه رکڻ ازل جي

منجهان ڪثرت ڪل ۽ وحدت ۾ واصل يعني هڪ
ـ مان ٻه الف ۽ ورائي ٻـن مـان هڪ تي وڃڻ.
ڄي ڪٽي تہ جتان شروع ڪيئيسين اُتي ئي پوري
ئيسين. جڏهن شاهه چـوي ٿـہ جهڙا آٻاسين تهڙائي
س ورياسين.

هن ڳالهہ جي راز ۽ رمز سامي چوي ٿو:-

فـــارسي ۽ هندي ڳالهہ چـــون ٿـــا هڪ
سمجهي ڪو سامي چوي، ٻيائي ٻنا ٻندي
چڙهي انيؤ اُچ ٿي، وٺي راهه رنديِ
ٻائي گيان گندي، سمهين سڪپت سيج تي.

سامي چوي ٿو مان وبد وادي آهيان. ويدن جي
ٽي مون سنڌيءَ ۾ سٽائي آهي. سا جڳڪ تي هندي
يان گندي ۽ جڏهن ڪ 'هہ' اکر جـو بنياد آهي 'س'
هندي گيان گندي ڦري ٿي سنڌي گيان گندي
نهن سنڌوءَ ڪناري ويدن جي گيان گندي وچائي
يئي هئي. پر سامي چوي ٿو تہ جيڪي مان چوان
و تنهنجي تصديق فارسيءَ وارا بہ ڪن ٿا، جنهن ڪي
ؤ راهه رنديءَ جي اِشاري سمجهائين ٿا. يعني ائين
مجهہ تہ تصوف ۽ ويدانت مت وچ ڪوئي فـرق
ڪونهي. ٻيائيءَ جي ٻندي معنيٰ عين صورت جـي
تان نقطو جا ٿـي غيرت جي. اِهـو نقطو ميسار تہ
عين عشق مائين. اِهو نقطو ڪئن ميسار جي وڃي، تنهن

تصديق

فارسي ۽ هندي، ڳالهه ڇون ٿا ڪ

ڳالهه ڇا جي باري ۾ آهي؟ زندگيءَ جو سفر.
هيءَ ڪهاڻيءَ جو سمجهه نه سرو آهي. ڪهاڻيءَ ڪي
شروعات ٿيندي آهي ۽ پڄاڻي به ۽ خود ڪهاڻي
هڪ قسم جو هنگامو هل آهي. ٽڏهن ڪري هنگامو
هل ۽ ڇڏي هنگامو هل ڇڏڪ ڪهاڻيءَ جي شروعات
۽ پڄاڻي ٿي. هيءَ سچل سرمست ۽ سالڪ سنت
ساميءَ جا ٻول آهن.

سچل سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪل
الف مان آدم ٿيو، ڪري هنگامو هل
هندو مومن هڪ ٿيو، ٻول نه ڪنهن ٻل
ٿيو گلابي گل، مر ماريني منصور جان.

هڪ الف (ا) الله واحد جو جنهن مان الف مد آ،
آدم ڪثرت ٿيو. هن مقابلي ساميءَ جو سلوڪ آهي :-

عجائب عقل، سالڪ ڏنو سڪ سان
سمجهي روح راضي ٿيو، ڇڏي هنگامو هل
چڙهي نُور محل ۾، ڪيائين حق حاصل
وحدت ۾ واصل، پرچي ٿيو پريم سان.

...رهين صديءَ کان وٺي ڪجهه غلامي طرح پوڻ
...روع ٿي.

...عاشق جا ٽوپا آهن ڪي ماٺا ڪي ساٺا معنيٰ
...ت وارا، واجت وڄائڻ وارا. شاهه عاشق هو، پر
...نو هو. درياهه جي تصوير ٿو کينچي ته ڪناري
...ٺو هوس، ڪنهن اچي پنيان ڏکو ڏنو. ڏُو وڃي
...رياهه ۾ پيس. پنيان نهاريان ته هڪ درويش بيٺو
...هي. پر جا حرڪت ڪيائين، تنهن لاءِ اَرمان ته
...وس ڪونه. هٿئون مشڪ هٿس منهن ٿي. پر ڏاڍي
...ڪشش واري مشڪ هٿي. مون ذرا گهور ڪري
...هاريو مانس. ته ڪجهه گيان ڪٿيندي چيائين "ته
...رِي پار پٽ پر 'پلاند' ۽ نه 'پساءُ'. سامي هن درياهه
...ـي يوَ ساگر چوي ٿوءِ عثمان مروندي، جو راهه
...نديءَ جو شائق هو، سو چوي ٿو:-

چو آبش جمله خون ديدم بترسيدم ازين دريا.

چوي ٿو درياهه ٿي پهتس. ڇا ڏٺم ته سڄو سارو
...آب معنيٰ پاڻي خون ٿر هو. ڇو؟

هزاران جان مشتاقان در اين دريا نگونسار است.

هيءُ عشق جو درياهه هو. هزارن ۾ عاشقن پنهنجي
...شوق وچان هت جان گنوائي. عشق راند نه آهي

طريقت کو مت پيد کو نهي.

هن ڳالهه سمجهڻ لاءِ مان ڪا گهڻا هٿ ڪون
ڪٿيندس. پر ٻن شاعرن جي خيالات جي پيٽ ضرور
ڪندس ۽ سي آهن هڪ سامي سالڪ ۽ ٻيو رند
فقير حضرت عثمان مروندي، جنهن کي لال شهباز
سيوهڻ وارو، سخي شهباز قلندر چئي ڪجهه روحانيءَ
رمز روح رهاڻ ڪندا آهيون. حضرت عثمان مروندي
سنڌ ۾ ڪڏهن آيو تنهن جي پوري خاطري نٿي ٿي
سگهي. پر حق سان وڃي هڪ ٿيو، جنهن کي سامي
چوي لنؤ لين ٿيو، سو سنه ١٢٧٤ع ڌيو ٿو وڃي. هيءَ
صدي آهي جڏهن اجمير شريف هندستان ۾ خواجه
غريب نواز حضرت معيد ين چشتي پڻ آيو هو. سنڌ
۽ هند جي روحاني جهد ۽ جفا جي ڪشمڪش ۾
هنن ٻن هستين جي ذاڪ جميل آهي. پيٽ ڪانهي.
روحاني حوالي ٻئي پنهنجو مٽ پاڻ هئا. پر عثمان
حضرت، گهر شاعر هو ۽ سندس خيالات جي بلنديءَ
جي ڪا حد ڪانه هئي. هو قلندر هو ۽ راه رنديءَ
جو پاند پٽڙو هو. ٻئي فارسي خاندان جا چمڪندڙ
ستارا هئا. ساميءَ جو شبد "فارسي" چئجي ڪٿي نه
هنن درويشن جي خيالات ۽ حرفات جي لهر، جا
هند سنڌ ۾ لڳي، تنهن حوالي نهڪي ٿو بيهي. يعني
نه فارسي، مطلب صوفياني، خيالات جي جاڻ پڇاڻ

ڪاي بازار، مان نڪتان ٿو پيو، پوءِ جنهن هر پڳت جو
جڳهه ۾ اهوئي احساس آهي ته جنهن درد جي
وا لاءِ آزي نيزاري پئي ڪيم سو اڃا پيو سهان.
ن قلندر شهباز به ٿو چوي :—

بيا اي يار من اڪنون

هاڻ ته ڀلا اَچ يار! سچو شعر هن ياڻ پڙهيل هن رمز
هي :-

بيا اي مطرب مجلس سماع وذوق را درده
ڪه من از شاديءِ وصلش قلندر وار ميرقصم
منم عثمان مروندي ڪه يار خواجه منصورم
ملامت ميڪنند خلقي ومن بردار ميرقصم

خداوند تعاليٰ جو ڌيان ڇڪائيندي ٿو چوي ته
ب يا خدا! ته تون مجلس جو مير ساز باز واڃا وڄائيندڙ
فين ۽ تنهن مجلس سماع جو زور ذوق لڳو پيو آهي.
ن عثمان مروندي منصور جو يار آهيان ۽ وصل
ي وات نهاري رهيو آهيان. نڪتان ٿو پيو ۽ خلق جي
مت جو موچڙو به سهان پيو.

ويد وادي سامي صوفين سان صف ٻڌيو بيٺو
ي. چوي ٿو:-

ي توکي خواهش خريد جي، ته سٽ سر جو سؤدو.

جڏهن شاه چوي ٿو ۽ شهباز به اِهائي ڳالهه ڳالهائي ٿو ته:-

ڪه عشق آسان نمود اول ولي افتاد مشڪلات.

ته عشق پهرين شروع ۾ آسان ڏسڻ ۾ ايندو هجي پر آخر ۾ اهڙي هاءِ هيءَ ڪنڊن ڇانيل راه آهي. تڏهن سامي چوي ٿو:-

پير پر جهي پاءِ، محبت جي ميدان ۾
ڇو جو اُت:-
ڪنا پيا ٽٽي ڪيترا جاني لڳي، تنهن جاءِ.

مشڪلاتن جي سلسلي سامي چوي ٿو:-

آهي مهانگو سامي سودو سڪ سندو.
اِنهيءَ سودي جو پهريون واڪ آهي:-

پوئي پاءِ ڳچيءَ ۾، ڳلا جو ڳهانگو.

جڏهن شهباز قلندر به چوي ٿو:-

شدم بدنام در عشقت.

صفا سنڌيءَ ۾ چئجي:-

عشق ۾ منهنجو مٿو ٿيو اُگهاڙو،

جو برابر آهي شهباز جي ڪلام ته:-

نمي ترسم ز رسوائي بهر بازار مي رقصم.

لو ۽ واهه ڪانهي. هيءَ عشق جي راهه رندي
ي، جنهن جي ڄاڻ سامي ٻه رکي ٿو. تڏهن
ي ٿو:-

ڏسي ڍڪيون ڪين ڪي، اڳتي وک وڌاءِ
جيئندي پاڻ جلاءِ، ته پسڻ ٿيئي پرجو.

شاهه ڪان وڌ سچل سرمست جي فهم خدائيءَ جو
اد، شهباز جي شعر ۾ آهي. درياهه تي جڏهن نه
شتي نه ملاح ڏنائين ۽ جڏهن سڌ اونائي محسوس
يائين ته جان ڏيڻ کان سواءِ پار پئجي ڪونه سگهبو
هن قلندر چوي ٿو:-

شريعت ڪشتي باشد طريقت بادبان او،
حقيقت لنگري باشد که راه فقر دشوار است،

ته جا شريعت ٻيڙيءَ جو ڪم ڏيندي ۽ طريقت
بان يعني سڙهه آهي، ٻيڙيءَ جو، جا ڪناري اچي لنگر
ڻندي ۽ تون چوندين ته مون کي حقيقت جي ڄاڻ
صل ٿي، سا سڀ بڪواس آهي. شاهه شريعت کي
جهه شرف ڏئي ٿو جو روزا رکڻ ۽ نماز پڙهڻ، هن
ءِ چڱي ڪم جي قطار ۾ شمار آهن. پر پرکي پائڻ لاءِ
م ڪو ٻئي انداز آهي. تنهن لاءِ سچل صفا شبدن
چيو آهي ته شريعت جا نيم سڀ ٽوڙ، ڇو جو عشق
ي اڏام ڪائي ڏور ٻتل ڪانهي. هيءُ قلندري
ڪلام آهي. اهڙي ڏک ساميءَ چيو آهي:-

چيو اٿائين ته عشق جو سوُدو مهانگو آهي. اڳـهه جو انگـ، تنهن ۾ رڳو ڳـلا ڳيبت نـه آهي پر سر جي سٽ ٻه، جنهن ڪارڻ شهباز چيو آهي ته سارو دريا عشق جو خوُن تر ٿيو پيو هو. جڏڪ هيءَ سهڻيءَ وارو "دهشت دم دريا" آهي جت سير چڙهي، پلانـد پسڻ ڪان ٻه ٻچائـڻو آهي ۽ مشاهدو ٻـه ماڻڻو آهي. شهباز، انهيءَ دريا جي ڪناري ٻهڇي، هـڪ ٻيو نظارو پڻ ڇنيو آهي. چوي ٿو:-

رسيدم من بدريائي که موجش آدمي خـوار است
نه ڪشتي اندر آن دريا نه ملاحي- عجب ڪار است.

عجب اِسرار آهي هيءُ دريا، جت نـه ٻيڙي نـه ٻيڙيءَ وارو آهي ۽ هن پار وڃڻو به ضرور آهي. قلندر جڏڪ منجهيو پيئو آهي ته آواز ٿو اچيس ته:-

ندا از حق چنين آمد: مگر ترسي رجان خـود؟

هيءَ "ندا" ساميءَ جو 'ڪرل' آهي جـو 'ڪن' پيو. سـا سندي ٿي، جـو ويدانتي ڀاشا ۾ انهد جـو آواز سڏجي ٿو. ته ڇا خون تر دريا ڏسي جان وڃائڻ جـو خوف لڳو اٿئي؟ تڏهن شاه جي سڏ تـو قلندر چوي پاڻ کي ته:-

بدل گفتم چرا ترسي گذر بايد که نه چار است

ته عاشق جو لنگهه اِهو آهي. ٻيو ڪو چارو يعني

ـه ٻه سؤ سال، هن راه رندي تي هليس تڏهن
لامڪان درجو حاصل ڪيم. هيءَ ويدانتي مت
ءَ جي پورن پن ۽ پورب جنم جي ڪٿا آهي، جا
ي خاندان قلندر ٻه ڪٿي آهي. ته باقي پيد
جو؟

لنگهي ﭘؤ لانگهو، ته مطلب ٽئيءَ مِن جو.

مهانگو - گهانگهو - لانگهو. هيءُ عشق جي ميدان ۾ بازي لڳائڻ لاءِ ساميءَ جا ٻول آهن. جي ائين تو سڪ جا ساڌن جتايا ته سڄڻ ٻه تنهنجي سار لهندا. جڏهن شاه چوي ته "راجا ۽ راڳائي" ٻئي هڪ ٿيا ۽ سامي چوي ته جڏهن ائين تون سمجهي هاڻين ته تون اَنيءَ اَچ چڙهي سڀڪت سيج سمهندين.

ساميءَ جي 'اَنيءَ اَچ' جو بنياد ٻه قلندر جو شعر آهي ته :-

شهباز لامڪانم مــن درمڪان نه گنـجم

عنقاي بي نشانم مــن در نشان نــه گنجم

مان لامڪان ۽ لانشان آهيان، هيءُ خدا تعاليٰ جاگڻ آهن، ته سي منهنجا ٻه آهن. ڪوئي پيد ڪونهي ۽ الڳـــ ٿــي نــتــا سگهن. جنهن لاءِ تشبيه رمز سامي چــوي :-

پـڳـت منجهه پـڳونت، جڏهن ڳـنـڍ قلن ۾.

پــر هيءُ فقيري پــد ڪڏهن پاتم؟ قلندر شهباز چوي ٿو:-

دو صد جامه کهن کردم لباس فقر پوشيدم.

ڀرائجي ويو ۽ پنهنجن تي هٿ کڻن ڪٿان؟ تڏهن
ڪرشڻ ڀڳوان ارجن کي پرٻوڌ ڏنو. ۽ انڌيري مان
جالي ۾ آتمڻ جي واٽ ڏسي جو آهي آتم گيان -
هنجو پاڻ سڃاڻڻ جي رمز، جا گيتا ۾ گيات ڪرائي
ڻئي آهي.

تون ٺيڪيدار نه آهين. جنم سان گڏ تون جيون
ڻشو ڇنائي مرڻ پڻ لکائي آيو آهين. ڪڻن
مرندين، ڪڏهن مرندين تنهن کان تون اڻڄاڻ
آهين. پر مرندين ضرور، تنهن ڄاڻ کان اڻڄاڻ نه
آهين. امر پڻ ڪوئي ڪونه لکائي آيو آهي.

ته باقي تون ڇا جي لاءِ آيو آهين؟ دلالي ڪرڻ.
تون دلال جي درجي تي مقرر ٿيل آهين. تون
ڪرمچاري آهين. ڪرم ڌرم آهي. جنم ڪرم آهي،
مرڻ ڪرم آهي. جنم مرڻ ٻه بنديون آهن. تنهن
وچ جو فاصلو آهي، تنهن کي زندگي چئون ٿا، ته زندگي
ٻه ڪرم جي سياڻ ڪاڻٽي آهي. يعني زندگيءَ ۾
جڏهن موقعو اچي، تون اُن کي سلام ڪر، موقعو پڻدا
ڪرڻ، سا تنهنجي ٺيڪيداري نه آهي. سو بنيو بنايو
ڪاريه ڪرم آهي. انجي ابتڙ هات ڪرڻ آهي
اڳرن جي دلالي ڪرڻ. هٿ ڪارا ٿيندا. خاندان
تي ٽڪو لڳندو پر جي ڪرمچاريءَ جي پاڻ ڪرم

آتم گيان

بنا آتم گيان ممت نه، مٽي من جي
ٽوڙي سڀ سادن ڪري پڙهي ويد پراڻ
سامي ڇوي سنسار کي ڇاٽي سڀن سمان

گيتا ۾ ڀڳوان ارجن کي ٻه ائين چيو.

آتم گيان آهي آتم جو آتم کي پروڙڻ، ڏني ۽ اڻ ڏني جي رشتيداريءَ جو حساب آهي. ڏني معنيٰ هت ۽ اڻ ڏني معنيٰ هت جي کهاٽي. هت باغي عدم هت ڪرڪيتر لڙائيءَ جو ميدان پنهنجي لڙائي ٻاڻ سان باقي سڀ بيان.

گيتا - ڀڳوان - ارجن، هيءُ ڪر ڪيتر جنگ جي ميدان جو چتر آهي. رٿ ۾ ارجن براجمان آهي. ڪرشڻ ڀڳوان پانڊوُ ڪل جي سوُر وير جي سواري، رٿ، هڪالي اچي وچ ميدان ۾ بيٺو آهي. ٻنهي پاسي هڪ ٻئي کان سرس جوڌا جوان حماي ڪرڻ خاطر سينو تاڻي کڙا آهن. تڏهن ارجن لڙڻ کان اِنڪار ڪري ٿو. ڪاٿر نه هو. همت هاري ڪونه ويٺو هو. پر موهه وس ٿي پنهنجا مٽ مائٽ ڏسي

ڪهڙي ڏاهپ آهي، جو فخر باعث بڻجي. مان ڪريان
. اهو ايمان جو احساس آهي. در حقيقت ۾ تون
ڪرين ڪونه ٿو. ته، پوءِ ڇڏ ته تون اوديا جي
مان جو شڪار ٿي پيو ٿو گهمين. يعني سچ جي
يت ۽ سگهڻي نيڱڙ، سو ٿيو پاڻ کي ٺڳڻ.

گيتا جي اڌياءَ ٻئي جي سلوڪ ١٩ ۽ ٢٨ جي آڌار
امي ۽ هيءَ اوديا جي ايمان جو آتم گيان ڪٿيو
هي. ڪرشڻ ڀڳوان ارجن کي اهو گيان ڏنو ته
سان مرڻي وستو آهي، پر انهن ۾ جا شڪتي وسي
ي، سا امر آهي. پوءِ تڏهن تون ڪهڙي باغ جي
وري آهين جو هام ٿو هڻين ته مون ماريو يا ڪ هو
ري ويو. ڪرشڻ ارجن کي ائين ويتو پربوڌ ڏني
ٿن ڪنهن ٻار کي الف بي ڪري هجي ڪرائبي
هي. چويس ٿو ته جي فاني سرير ۾ امر سوکيم سرير
ي ڄهارت اوکي نه سمجهڻ ۾ اچي ته هيءَ ڳالهه
سمجهه ته هيءُ منش جو ڏسجي ٿو ته مري ويو -
ٿم ڪٽي نه انهنجي تلوار جو شڪار ٿيو - سو به در
حقيقت ۾ ائين ڪونه ٿيو. انهنجي تلوار نه مٿو.
ڪ گسائي ويو. پوءِ به مٿو، نه پوءِ تو ڪهڙو نيڪو
نيو آهي ڪنهن جي به مرڻ يا نه مرڻ جو. هيءُ گم
م جو جادو آهي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اڳ، ڏسڻ ۾
ڪونه ٿي آيو. مري ويو. نه. ڏسڻ ۾

ڪندو رهندين ته جيئن هيرن جواهرن جو واپار ٿيو ڪندين. اهڙي وڻجاري جي اکين آڏو ٻه آڪري ۽ هٿ ٻه صاف. گهاٽي واڌي هئُو نشچت. هڪ لاءِ، سامي چوي ٿو ته ڏُوڙ ٿو منهن ۾ پائي ۽ ٻئي لاءِ ته هوُ ڦري ٿي ڪان فارغ ڏهه ڏس ڦري ٿو.

ته ڇا مائٽن جي برخلاف، جنهن ۾ گرديو به اچي ويا، جنگ جوٽڻ اگرن جي دلالي نه آهي؟ نه، هن حالت ۾ نه. ڇو جو ڪرم، ڪرم ڌرم آهي. ڌرم فرض آهي. ارجن ڪتري ڪل جو آهي. جنگ جوٽڻ سندس ڌرم آهي. تنهن ڪان منهن موڙڻ پاڻ تي اڌرم جو ٽڪو لڳائڻ آهي. پوءِ ڇو نه ڪٽي تون سپٽيو ونش واپاري ٻڻجي وهين ته به توکي ڪپٽيو انسان قرار ڏنو ويندو. جنگ جو ميدان ڇڏي وڃين، جت فرض جي ٻجاوريءَ توکي پڪاريو پئي ۽ هٿ واٽيو ٻڻجي ويهي رهين ته تو نه تلوار نه ترازوءَ جي مريادا جو پالن ڪيو. هيءَ گيتا وارتا جا ساميءَ ورائي هن ٽل چئي آهي:-

سمجهي ڏس سامي چوي، اهو آتم گيان
ته اوديا جو ايمان، متي وچي ٿي من مون.
ڏايا ڏ ڏنگا ۽ ڏڪيا اڪر آهن. اوديا ۽ تنهنجو ايمان!

ندا آهيون. پر هيءَ ڪرمچاري نشڪام ٿي ڪرم
ندو آهي. مطلب ته لاڀ اَلاڀ جي ضدن کان ڏور آهي.
ڏول ۾ چڙهي ڪو ڪنهن ڏور ڏيس، هت هت
حساب ڪونه ويندو. پر اَڏول رهندو. شانت
تي ڪرم ڪندو اچي ٿو، پر نتيجو ڇا نڪرندو،
هن جو خفت هوُ ڪونه ٿو پچائي.

سامي نه ڪام ڪندڙ ڪي ڪرمي چوي ٿو ۽
ڪامنائن کي ڪاڇت ڪانو پن ۽ هيءَ جو سرير من جو
ش آهي، تنهن کي کيت چوي ٿو. پوءِ ڪرمي
و سياٽو، جو ٻهرين کيت کي صاف ڪري پوءِ هر
لائيندو آهي تئن نه ڪرمي ڪامنائن کان من ماري
اف ڪري پوءِ ڪرم ڪندو آهي. جئن خودغرضيءَ
ن ڪو ٻجڙو ڪم نه ڪري وهي. هن حساب ساميءَ
و سلوڪ آهي:-

جيئن پوک پچائي ڪرمي، ڪڍي اَنيءَ اَن
ڪلپت ڪانو پن، سڀي وجهي سامي چوي.

گيتا جي اَڌياءَ ١٣ جي سلوڪن ٢، ٦ ۽ ٧ ۾
يت ۽ کيت جي ڄاڻون جي باري ۾ گيان ڪٿيل
هي، ته هيءَ پوک ۽ ڪرميءَ واري ساميءَ جي
لوڪ جو اشارو انهيءَ اَڌياءَ ڏانهن آهي. منهنجو
رير منهنجو کيت آهي. ڪرمي مان آهيان. يعني

نٿو اَچي. وري وقت پئي ڏسڻ ۾ ايندو. اسين چئون ٿا ته جائو آهي. نه، ڏسڻ ۾ اَچي ٿو، جا حقيقت آهي. اسان ڏسڻ جو ڏانءُ نه سکيا آهيون. تنهنڪري سوليءَ واٽ ۽ واٽيءَ چئون ٿا ته ”مري ويو، جائو آهي.“ هيءُ چڪر آهي. تون تنهن کي روڪي نٿو سگهين. ته پوءِ ڪئن ٿو چئين ته مان جنگ نه جوٽيندس، جو هي ناس ٿي ويندا. تڏهن توکي چوان ٿو ته تون فڪر نه ڪر.

هيءُ اَڌياءُ ٻئي ۾ ڄاڻايل سنکيا يوگ يعني اُپنتيءَ جي ڪريا چوندا آهن. هن فيلسوفيءَ جو آڌار آهي ٻٽي ٻٽائي اَڳيئي ٻٽي ٻئي آهي. جو جائو آهي سو مرندو. جو مئو آهي سو وري ڄمندو. پوءِ شوڪ ڇا جو؟ اِهو سنسو آهي. يعني شوڪ ڪرڻ سنسو آهي. سنسو هن حساب ته جو اَست آهي سو ست سمجهي تون شوڪ ڪرين ٿو ۽ خوشي به مڃائين ٿو. گياني اِنهيءَ ڦندي کان آزاد آهي. نه ته هوُ ڪرم نٿو ڪري، پر هوُ نهه ڪرمي آهي جو گيان اَڌياءُ ٽئين ۾ ڪثيل آهي، جنهن اَڌياءَ جي سلوڪ ١٩ جي آڌار سامي‌ءَ جو هيءُ سلوڪ آهي:-

ورلو ڪو هر جن، ڪرم ڪري نهه ڪام تي
چڙهي وينو ڇوڏول ۾، ميٽي سڀ مَن.

نهه ڪرمي، اَڪرمي نه آهي. جنهن ضد اَسين ڪرمي

ري جي ڀاونا رکي نٿو ڪري ۽ نه هو نرڪ سرڳ جي
ن ۽ خيالن کان آزاد آهي. ڪرم ڪرڻو آهي سو
ڻو ئي پوندو. باقي جو حساب ڪتاب هوُ نٿو رکي.
۽ گيان گيتا جي اڌياءَ ٻئي جي سلوڪ ۴۳ ۽ ۴۷
آڌار ڪئيل آهي.

”ڀاونا“ شبد جي ڳڻ اوڳڻ جو وستار ڪندي
ي ٿو:-

ڀاونا ڀوائي، چوراسي لک جوڻ ۾
دک، سک نرڳ، سرڳ، جا، ڀاونا ڀوڳائي
جپ تپ ساڌن سات سنگ، ڀاونا ڪرائي
ڀاونا ئي ملائي، سامي سار سروپ سان.

’ڀاونا‘ ڀلائي! ’ڀاونا‘ سلجهائي! هي ۽ وائي
کهڙو؟ ڇياتين اِها ”ٻڌي“ آهي. ٻڌي رهت
ٻڌي‘ سهت ڪرم جو هي ئي ڀيد ايڀد آهي، فرق
. ’ٻڌي‘ رهت ڪرم ايمان جي زور بار ٿو
ي جو چوراسي لک جوڻيون ڀوڳائي ٿو ۽ جت
ي‘ ٻل ڪرم ڪجي ٿو نه اُت آتم گيان جي پراپتي
ئي. هي اڌياءَ ٻئي جي سلوڪ ۴۸ ۽ ۵۰ جو
آهي.

هن سمجهاڻي سامي جا ٻه سلوڪ آهن. ٻڌي
ت ڏيهه ايماني جو احوال ڪندي چوي ٿو:-

هر مان ٿو هلايان، پوکي، مان لڻندس جو ٻج موءِ ڇٽيو آهي. پوکي، جي لڻڻ کي سامي چوي ٿو- "ڪيڏي انيڪ اَن" انيڪ معنيٰ آزمودو. هاڻ ڪيمت تنهنجو، ڪڙمي لون آهين، نه پوءِ ڪيمت ۽ ڪيمت جو ڄاڻون لون آهين. وقت هو جو ڪيمت لوڪي ڏسڻ آيو ٿي پر ڪيمت جو ڄاڻون نه. هاڻ اهو سوال ڪونهي. تنهنجي اکين تي اُلٽي سلٽي مـن جي مرادن جو پردو چڙهيل هو، جو هٽي ويو آهي، جڏهن پردو هٽيو جو اوديا جو ايمان هو تـه پوءِ "سار سروپ" سان ملاقات ٿي ۽ پرتڪ پُورن آتما جو درشن حاصل ٿيو. جو آهي آتم گيان يعني خود جي باري ۾ پُورن سچو گيان- اهڙي گياني ڄاڻونءَ کي ساميءَ نالو ڏنو آهي "پريمي پاڪ" جنهن باري ۾ اَڌياءَ ٻئي ۾ ڪافي ڪٿا ڪٿيل آهي.

'پريمي پاڪ جي باري ۾ سامي چوي ٿو:-

ٻچي ٻج ڪري، يوڳن يوڳ، سرڳ، جا
پاپي پائن گهور نرڪ، رئن رت پري
سامي رهن سڀ ڪان، پريمي پاڪ پري
ڏسن ڏيان ڌري، پرتڪ پورن آتما-

سامي هن پد نگ نهه ڪرميءَ جي واکيان ڪندو ٿو هاي. هُو ڪرم ڪري ٿو، پر ڇاڪاڻ ته ڪا

هيءَ اِنعام نه ڪريءَ ڪٿيو جو چڪر ڪان ڇٽل
هي ٿو، جو هن کي ڪرم جو ليپ ڪونه ٿو لڳي
هن ڪري اليپ آهي. هيءَ گيتا جي اَڌ ياءَ ٻئي
ي سلوڪ ١٥ جي حساب گيان ساميءَ ڪٿيو آهي.

”چڙهي ويٺو چوڏول ۾“ تنهن چوڏول يعني من
ڏول جي تصوير به ساميءَ کينچي آهي. انهيءَ ساڳيءَ
ن مراد سامي ”سڪپت سيج“ شبد به ڪم ۾ آڻيندو
هي. چوڏول هجي يا سيج، پاوا چار ضرور آهن.
ن ڇئن پاون جو ورنن ساميءَ ڪيو آهي. اِنسان کي
ڪيءَ جي صورت ڏئي ٿو. پکيءَ پر ٻه. هڪ عشق
و ٻيو عقل جو. ٻنهي جو ورنن ساڳيو رکيو آهي،
ـه نه اُڏام نـه رڳو اَڌوري ٿيندي پر سا خطري کان
خالي به نه رهندي. چوي ٿو:-

عشق عقل آهين، ٻئي پر پکيءَ جا
اُنيءَ جي آڪاس ۾، گر گم پهچائين
درسن سار سروُپ جو، لنؤ سان لکائين
ممتا مٽائين، سامي سڀ اندر جي.

’عقل‘ سادو اکر آهي. ’ٻڌي‘ گيان ساز اکر آهي
جنهن گرٽ ٿي گيتا ۾ زور ڏنو ويو آهي. شايد سادي
ـودي سنڌي ٻولي ڪم آڻڻ جي من مراد ساميءَ
ٻڌيءَ جي عيوض عقل اکر ڪم ۾ آندو آهي. پر عشق
ـفظ گيتا ۾ ڪونهي. نه پوءِ ساميءَ هيءَ جوڙ ڪئن

خودي ۽ منجهه خراب، مورک، لوک اُپار ٿيا.
مڇي ويڻا سمت سڀ، جڳت جو اِسباب
اڳيون ڪال قهار جو، سامي جهان اُباب
هر هر ڏين حساب، سمجهه ورائي سگها.

سو ٿيو، چوراسي ۽ جو چڪر- جو چڪر ڪان مڪت آهي سو ٿيو پڌي ۽ سهت نه ڪري ، هن مهاپرش جي باري ۾ چوي ٿو:-

فقيرن فرمان، محبو محبوبن جو
تن ڪپي ڪڍيو اندر مون ايمان
گهڙي لذائون گهر مون، انيٽي آتم گيان
ٿيڙا سي پروان، اڳيون عجيبن جي -

هي ۽ تصوفي ۽ ويدانتي پاشا جي حساب جيڙو ڪلا جو گيان آهي. "انيٽي آتم گيان" ويدانتي رمز آهي. ۽ "پروان اڳيون عجيبن" سو ڇٽڪ صوفيانو ڪلام آهي. پر ساز جي سر جنهن سلام آهي، سو ساڳيو آهي. منزل ڪو پيڊ ڪونهي پروان پد يا معرفت جو مارگ هي ۽ حاصلات آهي، جنهن لاء نه ڪرمي جي ڪتا ڪٿي ويٽي آهي. جو هن ڏاکي چڙهيو تنهن من رنگ لڳو ۽ تنهن حقيقت جي پروڙ پيٽي ۽ حاصلات ڇا آهي؟ اگر ڇڏي حقيقت جو ورن آهي تہ:-

سامي سوئي ڪر، جنهن ۾ ڪرڻو نه رهي.

سُرندي ۽ ڪان ٽالو، سدائين ڳُرمڪ ڪري
جنهن ٻرچي پيتو ٻـر ڪري، پريم جو پيالو
سڀ گهٽ ڏسي سڀرين، نيئي جان نرالو
سامي سڪالو، ورتي پيو ويچار سان.

پريم جو پيالو پيئي ٿو. ٻـر ڪري پيئي ٿو. يعني ڪمي ڪانه ٿو رکي. ٻر وهنوار ۾ هو "ويچار" سان رکي ٿو.

ويچار سان ورتڻ جي وڌي سمجهائيندي سامي ين ٻن گڻن جو اَحوال ڏئي ٿو ۽ سي آهن "شڪر" ۽ "صبر". چوي ٿو:-

شڪر ۽ صبر، عشق عقـل سان گڏيا
چئني جي چوڏول ۾، ڪو جهولي نرپک نر
ٻرچي لڏو جنهن ٻنهنجو، اَنيُءَ آدي گهر
ميٽي ڏڪ ڏمر، سيتل ٿيو سامي چوي.

سيتل من جي پراپتي، اِها منزل آهي ۽ ساڌن آهن ڪر ۽ صبر جا گڻ هئڻ. يا ائين به چئجي ته شڪر صبر ظاهري صورت آهي من جي، جو من سيتل هي يعني سيتل سڀاءُ وارو اِنسان هميشه "شڪر ڪر" جو جاپ پيو جپيندو آهي جنهن کي هوند وفياني ڪلام "ذڪر" چئجي.

ٻڌو؟ سائينءَ سان لنؤ لڳائڻ يا سائينءَ لاءِ لڳن هئڻ، اهڙا شبد نه گيتا ۾ اچن ٿا ۽ نه انهن سان گڏ ’ٻڌي‘ شبد جوڙي گيان ڪٿيل آهي جنهن کي ”ٻوڌ يوگ“ جو پاٺ چئجي ٿو. ڏسجي ٿو نه ’لڳن‘ جي بيحد انداز کي ساميءَ شاعراڻو چولو ”عشق“ جو پهرايو آهي. هونءَ نه حساب بيهي نٿو. مطلب اِهو اٿس نه عشق پاڻي ڪماءِ ۾ عشق جي سواريءَ کي به لغام جي ضرورت آهي جنهن کي ٻڌي چئجي ٿو. قلندري ٻڌ نيڪ آهي. پر اها مستي چوويهه ئي ڪلاڪ ڪانه هلندي. بي خوديءَ ۾ خودي يعني هوش جي انگ جي ضرورت آهي. سچل سرمست لاءِ عشق معنيٰ عشق. اُت عقل لاءِ ڪائي گنجائش ڪانهي. پر سامي ڪنهن ٻيءَ رمز هلي ٿو جا شاه جي خيالات سان وڌيڪ ميل کائي ٿي. هيءُ ٻئي راه رندي نه پر سالڪ جي راه هلڻ چاهين ٿا. اڌام ۽ لغام، ٻنهي جي ڄاڻ، جيون رهڻ چاهين ٿا.

ساميءَ جو نيڪو آهي نه هو ويدواڻي سنڌيءَ ۾ ٻڌائي ٿو يعني سادي ٻولي ۽ سولو سادو ڍنگ. انهن مراد انجام ڏيندي چوي ٿو نه روحانيءَ راه تي ”ويچار“ کان ڪم وٺ. ’ٻڌي‘ لفظ جي معنيٰ کي وڌيڪ سولو ڪري سمجهائڻ جي خيال ’ويچار‘ لفظ ڪم ۾ آندو اٿس. چوي ٿو:-

و تہ تون ڪٿري ورن جو آهين. جنگ جو ٽڻ
نهنجو فرض آهي. فرض جي پورت مڪتيءَ جي
پتي آهي. 'راه' لفظ جي پنهنجي وڏو راز رکيل
ي ۽ جو آهي تہ دين ڌرم جي بدل سدل گناه
ي. اڌياءَ ۴ سلوڪ ۱۳ ۽ اڌياءَ ۳ سلوڪ ۱۶ ۽ ۳۵ ۾
ن حقيقت جي ڄاڻ ڪرائي ٿو. اهڙن پرچار ڪن
ي اشارو ڪندي سامي چوي ٿو تہ اِهي ٻڌي
ڌِي اُستاديءَ جون ڳالهيون ڪن ٿا جا روحاني راه
ب گستاخيءَ جي چال آهي ۽ انهيءَ راز جي اڻ ڄاڻ
هر گهر، اگهر جو گهر آهي، تنهن ڪري هر جيو ٻئي
و ثاني شريڪ آهي ۽ جي تون چئين تہ تون آتم
ياني آهين تہ پوءِ هن حرڪت کان باز اچ....

ڪفر ۽ اسلام جو جهيڙو، هن حرڪت جو فسانو
هي. سنڌي درويش هندو، خواه مسلمان، هن حرڪت
ن باز اچڻ لاءِ پنهنجي شاعري فن، واه جو اظهار
ڪيو آهي. ڪفر هڪ عالماڻي مضمون جي اُتم وشيہ
هي. شاه صاحب پنهنجي روحاني رمز هن تبديل
رف 'ڪفر' تي اهڙو گهاٽو رنگ چاڙهيو آهي، جو
سلمان تہ هندوءَ کي ڪافر چوي ٿو نہ پر خود هندو
ہ اُئين محسوس ڪري تہ هن ۾ ڪافر چوائڻ جي
ياقت ڪٿي آهي؟

شاه صاحب چوي ٿو تہ هيءَ دين ڌرم جو رولو

ڇڏن پاون چار نالا. پر جا سيج جڙي تيار تي تنهنجو نالو ڇا؟، سامي تنهن کي نالو ڏئي ٿو "ويڪ" چوي ٿو:-

محبوبن جي هڪ نڪ رکن نيڪ
ور تن سان ويڪ، ساکي ٿي سامي چوي.

ماڻهوءَ ماڻهوءَ فرق آهي ويڪ جو وڪاس. ويڪ جي بدران منصف لفظ شاهه ڪم آندو آهي. "منصف منجهه وهار" هيءَ شاهه جي هدايت آهي ته پنهنجي اندر کي صاف سوڌي، دنيا ۾ وهنوار ڪر ته تون انهي پرن پورو رهندين. معنيٰ محبوب سان به ته مخلوقات سان به، آتم سان به ۽ "آتم رام" سان پڻ. هيءُ آتم گياني جو سياءُ آهي.

هيٺين آتم گيانين جي ذات پات جي قول ڪانه پوندي آهي. سامي تن کي "نرپک نر" چوي ٿو ۽ سائين سڀا جهي ڏانهن اشارو ڪري چوي ٿو:-

نکي پڇيائين ذات پات، نکي پڇيائين راهه.

کهڙي دين ڌرم جو نپو لڳل آهي يا کهڙي ورن جو آهين سا پڇا محبوب ڪونه ڪندو آهي. هيءُ گيتا جي اڌياءِ ۴ جي سلوڪ ۱۱ جو سار آهي. ورن پورهئي جي ورچ جي مد نظر مقرر ڪيا ويا آهن. تنهن خيال ئي ڪرشڻ ڀڳوان ارجن کي گيان

ي اِنهيءَ حرڪت ڪري ڪافر چون ٿا ۽ تنهنجي
م ڪي ڪفر. پر مان توکي ڪافر نه چوان، ڇو جو
ن، اِنهيءَ شرڪ يعني ڪفر جي نيمن سان سچو
آهين، تنهن ڪري تون مهرباني ڪري نه ٺلڪ
ٺاءِ ۽ نه جهٽيو پاءِ، شاه ڪٿي ٿو وڃي ڏڪ هٽي.
جهوَ ڪي سمجهن ته برابر اِهـا ڳالهه صحيح آهي
مان ڪافر جي خطاب حاصل ڪرڻ جو اَڌڪاري
آهيان.

هاڻ وري منهن وراڻي شاه صاحب پنهنجي دين
ن ڪي ٿو چوي:-

اِن پر نه ايمان، جڻ ڪلمي گو ڪوٺائين
دغـا تنهنجي دل ۾، شـرڪ ۽ شيطان
منهن ۾ مـسلمان، اَنـدر آذر آهئين.

هندوءَ جو جهٽيو. تنهنجو ڪلمو. نه جهٽيو پائڻ سان
و هندو بڻجي، نه ڪلمي پڙهڻ سان مسلمان. جيسين
ا دل ۾ آهي، تيسين دعا دوا ٿي نه لڳندي،
ي نه دعا پنڻ جـو طريقو تنهنجو کهڙو به هجي.
ه صاحب شرڪ ۽ شيطان لفظ ٻئي هڪ سکو ڪري
يا آهن. شيطان معنيٰ نفس. جيائين تون به نفس
غلام آهين جا غلامي به بت پرستيءَ ۾ شمار آهي.
ب نه هندو نوڙي مسلمان، سڀني پير ٻنهي مان

آهي. هڪ دين اسلامي ٻيو ڌرم سناتني. اِهي الڳ آهن. هاڻ فرض ڪر منهنجا هندو سڄڻ ته تنهنجي ڌرم جو نالو سناتني نه پر شروع کان ئي 'ڪفر'. دين ڌرم کي پنهنجا پنهنجا نيم ۽ عقيدا آهن. مون کي ارمان هن ڳالهه جو آهي ته تنهنجي ڌرم 'ڪفر' جا جي نيم آهن تن جي تون پوري بجاوري ڪونه ٿو ڪرين ته مان جيڪر، سچ ٿو چوان، ته توکي ڪافر چوائڻ جو اڌڪار ڪونهي. نالي ۾ ڇا رکيو آهي. جيڪي آهي سو نيم ۽ ادب آهي، جنهن جي توکي ڄاڻ آهي ڪان ته تون بي دينو آهين. جو بي دينو سو ڪافر. هيءَ شاه جي هيٺ ڄاڻايل بيتن جي آڌار هڪ ٽيڪا آهي.

ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر ۾ ڪوناءِ،
هندو هڏ نه آهين، جڻيو تو لئه جڳاءِ
تلڪ تنهين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.

شاه صاحب جا اکر ڏاڍا سادا سُودا آهن پر معنيٰ ڏنگي اکرين رکي ٿو. پهرين مصرع ۾ ڪفر لفظ ڪم ۾ آندو اٿس. پڇاڙيءَ واري مصرع ۾ شرڪ لفظ ڪم آندو اٿس. مطلب ساڳيو آهي. شرڪ مان شارڪ ۽ ڪفر مان ڪافر. شارڪ سو جو ٻئي ڪنهن ڌڻيءَ جي هستيءَ جي شريڪ معنيٰ برابر سمجهي. سائين لاثاني آهي. هن جو ڪو شريڪ ڪونهي. مسلمان،

جيو هو اَرجن کي، ته همه حق آهي ۽ حق همه آهي.
ـ ڪير تو ڪنهن کي ماري ۽ ڪير مئو اِهو اَگيان
آهي. همه کي حق مڃڻ اِهو آتم گيان آهي ۽ آتما
ذات پات جي صفتن جي محتاج نه آهي ۽ نڪا هوءَ
جنم مرڻ جي چڪر ۾ پوڻ واري آهي. تنهن ڪري
اِئين چوڻ نه مان ڪريان ٿو ۽ تنهن ڪرڻ ڪارڻ هيءَ
ڳالهه ٿي، سو دم ٿون نه هڻ. ٿون ڪو سبب نه آهين.
ٿون خود ڪنهن سبب جو ڦل آهين. تنهنڪري اِهي
خام خيال ڇڏي آتم کي اَمر سمجهي، پنهنجو فرض
پورو ڪر. تنهن ۾ مکتي آهي، باقي سڀ جوٺي
جڳت ۽ ڀڳت.

هڪ ٻه ڪونه ٿو ھاي، نه ٻئي ڪافر آهيو يعني گهٽ ۾ گهٽ سائين لوڪ نه آهيو. باقي ڪي ٻه هڪو لنگهن ۾ پنهنجي نه ربي نه خريف.

شاهه جي هنن هدايتن جي برابر روحل رند فقير جو هيءُ ڪلام آهي.

ڪفر ۽ اسلام ۾، تا پرين اُٿا پير
هڪ هندو ٻيو مسلمان، ٽيون وچ وڏائون وير
اندر اونده نه لهي، تن ڪي سچ چوندو ڪير؟
پر روحل راه پرينءَ جي، جان گهڙي ڏنوسين گهيڙ
ته رب مڙني ۾ هڪڙو، جنهن ۾ ڦند نه ڦير
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا سٽي ڪعبي اَلله ۾.

هيءُ روحل آهي "ڪنبريءَ ۾ ڪرتار ڏٺوسين" جو ١٢ ورهين جي ڄمار جو ٻکي ڪني فقير هو، جنهن ساميءَ کان اڳ، گيتا جو گيان کٽيو ته راهه گهڙي ٻه ونيين ۾ آخر ۾ ايندين مون وٽ، جر مان هڪ آهيان ۽ ساري سرشٽي منهنجو ڪعبو يعني گهر آهي. پوءِ هندو يا مسلم ته دنياداري آهي باقي جا حقيقت آهي سا آهي تون ڪ مان يا ڪ ڪو ٻه ٻيو سو آدميءَ ليکي آدمي آهي، جو منهنجي دم دم ڏٺي ٿو، جو ڏسڻ جو ڏانءُ آهي ۽ شاهه چوي ٿو ته "ڏسڻ ڏسين جي، همه کي حق چئين." لڏهن ڪرشن ڀڳوان

هيءَ ساڌارڻ گيان آهي. روز مره جي زندگي
گهارڻ لاءِ هڪ خوراڪ آهي. سامي ٽنهن واڪ يعني
سنتن جا وچن چوي ٿو ته جو پروکي ڪٽڪ ڪانـ
ٽڻي آهي. پوءِ جي رستي پنڌ ٿوڪي ڪنڊا چڀن
ته اَرمان ڪوه ڪرين ٿو؟ آتم گيان جو خلاصو
ڪندي ساميءَ هيءَ سلوڪ چيو آهي.

بنا آتم گيان، ممت نه مٽي من جي
ٽوڙي سڀ ساڌن ڪري، پڙهي ويد پراڻ
سامي چوي سنسار کي، ڄاڻي سڀن سمان
گيتا ۾ ڀڳوان، ارجن کي ٻه ائين چيو.

ٻن سلوڪن جي پٺيان جا ڀاونا ڀريل آهي، سا
فرق ظاهر ڪري ٿي ته ڪٿي سامي زندگيءَ جو ڪل
جوڙ ملائي ۽ گيان ڪٿي ٿو ته جو جيوُ جنهن پد لي
پهتو هجي سو سندس ڪٿيل گيان مان ضرورت
اَنوسار لاڀ حاصل ڪري ۽ جيون سڦلو ڪري.

آتم گيانيءَ لاءِ سنسار سڀن سمان آهي، ڇو جو آتما
مري ڪانه ٿي ۽ نڪو ماري ٿي. ٿهنڪري ڪرم
جو ليپ ٿو کي ڪونه ٿو لڳي. پر ڪرڪيتر جي
حساب هيءَ سنسار ڪيڪت آهي، جت ٽون پوکـ
پوکيندو ۽ وقت کي سلام ڪري لڻندين ٻه. اِهو
وقت جو سلام جنم مرڻ جو چڪر آهي. پر ڪيتر اهو

ڪرم ڦل ڪنڊائي

سوامي ”آتم گيان“ ڪٿيو آهي. پر سا زندگيءَ جي هڪ ڳوڙهي راز جي ڦولها آهي. هر موقعو ڪرو ڪيتر جي لڙائيءَ جو نه آهي. آتم نه مري نه ماري، اهڙو گيان ارجن کي ڪرشن ڀڳوان ڏنو هو. جڏهن پنهنجا مٽ مائٽ، گروُ گرديو، جنگ جي ميدان تي ڏسي، موه وس ٿي ڪري هٿيار ڦوهار ڦٽي ڪري ۽ اداس دل ٿي ويهي رهيو. ڪرشڻ ڀڳوان تڏهن کيس آتم پد ڪان ڄاڻ ڪرائي هئي ۽ ”ڌرم“ جي به ڄاڻ ڪرائي هئي ته ڪتري ڪل جو ڌرم آهي لڙائي جوٽڻ نه ڪ جنگ جي ميدان تان باغي ٿي ڀڄڻ.

پر ڪرڪيتر کي ڪرم ڪيتر به چوندا آهيون. ڪيتر معنيٰ هيءَ سنسار ۽ ڪرم معنيٰ تنهنجو ڪرم تنهنجي ڀوڳنا - جو پوکيندين سو لڻندين. ڳڻتيءَ ڳرڻ اُت هاج نانهه، سامي چوي ٿو:-

ڳڻتيءَ ڪوه ڳڻي، مور ڪي، پنهنجي من ۾
گهٽ وڌ ٿيندو ڪينڪي، توڙي ٻئي هٿ هڻي
ٻيجي جو ٻانيڻ چوي، هرڪو ٻار ڪٺي
جي ٽوڪي واڪ وڏي، ته سمجهي ڪڻ سامي چوي.

ليءَ ۾ چوي ٿو:-

”تنهنجو رکج ڀرم“ تنهنجو معنيٰ مالڪ ڌڻي،
م جو ڀرم رکج - يعني عزت ڪج ۽ نيمن جي
ري پوري پالنا ڪج. جنهن ڪرسيءَ تي تون
ٺين تنهن ڪرسيءَ جو ڌرم آهي. اُن ڌرم جي
لنا آهي، اُن ڪرسيءَ جو ڀرم رکڻ. چوندا آهن ته
ءَ جو پنهنجو ڌرم جو سنڀاليائين! ڪڏهن گلا نه
يار يائين ۽ ائين پنهنجي ڪرسي سنڀالي هاڻ مزي
ان ويٺو پينشن ماڻي. هڪ مثال ڪري ڏيکاريائين.
يءَ ساميءَ جو مطلب آهي ته سڀني ڌڻي ڌارين
مالڪ ڌڻي اُهو آهي. ته هن ڌڻي جو ڀرم آهي ته
ون اُهو ڪرم ڪر، ته ڪيتي اُهو رهي ۽ محنت
پيدائش ٿئي.

تڏهن ’ڪرم ڦل ڪندي‘ تنهنجي اخلاق جو
ٿشو آهي. اخلاق ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو آهي. اها
ڪتي آهي جا توکي معنيٰ ڏئي ٿي. اها شڪتي
ل ڏسڻ ۾ نه اچي، پر اها ٻوليندي آهي. انهيءَ
ي آواز کي اسين وويڪ چوندا آهيون. هيءُ ته
نهن کي سرير چئون ٿا. سرير ناسونت آهي پر
واز ۽ اخلاق مرن ڪونه ٿا. تڏهن تون هڪ راز
هين. اَمر آهين حالانڪ لڪائي مرڻ پئو آيو

اُٺڻي، جواچ ٿون ڏسين ٿو ۽ چئين ٿو تہ آهي. وري جڏهن وري هن ڪيتر ۾ رهيل حساب چڪتو ڪرڻ لاءِ ايندين تہ تنهنجي اٽڪل تہ ٿوڪي خبر نہ آهي تہ ڪو ٿون هن ڪيتر جو اڳ ــ، پي ٿرواسي هئين ڪوئي ٿرڪ ڪواٺي تہ ٿون پکتان نہ پريندين. پنهنجي چاڻ ڪانسواءِ تو پنهنجي ڪنڊلي ٺاهي آهي، جا تنهنجي چٺيءَ ۾ چٽي پيئي آهي. اِها ڪنڊلي ڪمال ڪندي. تنهن ڪمال ٿون زير زبر جو فرق نٿو رکي سگهين. قلم وهي ويو ۽ هاڻ بند آهي. تنهنجو ڪرم تنهنجو قام آهي. قام ليک لکي ٿو. ٿون اُهي پنهنجا لکيل ليک نٿو پڙهي سگهين تہ پوءِ اِهو تنهنجو پاٺ ٿوکي پيو ڪير سمجهائيندو.

قلم بند آهي! معنيٰ جو لکجي ويو سو لکجي ويو. وئي جي پنيان هوءِ هوءِ ڪرڻ مان ڪجهہ ڪڙ تيل نہ نڪرندو. پر اڳتي تہ قدم سنڀالي ڪرڻ. جي اِها رهت رهين تہ تو لڪ ڇا پر سڀ ڪجهہ ڪٿيو ۽ فخر سان چئي سگهين ٿو تہ صبوح جو بگڙيل ٿارو جي وري شام جو چمڪي اُڀريو سو بہ چڻ نہ بگڙيو- هن پاوٺا پريل سندس پربوت آهي :-

' مالڪ ديهہ اُلم ليکي نہ لائين.'

' ليکي نہ لائين ' هدايت کي وڌيڪ سولي سنڌي

يکو ۽ ٻکو

هر درويش ذات پات جي ڀيد ڀنا، اوچ نيچ جي
ڀنا دوست جو ديدار آهي. اڃا به ائين چوڻ
ڪيچ ٿيندو ته هر پراڻي پريتم جو پردو آهي تنهن
جنهن منجهه منهن موڙي محب پسيو سو هر جن ۾
هرجن سو هر ورن کان وانجهو. سامي چوي ٿو:-

وڏي وڏائي سامي جاڻ ڀڳت جي
نيچ اوُچ ٿيا ڪيترا ڪري ڪمائي
ڀيد چمار جلاها پيچارا نائي
جنهين لنؤ لائي سي سڀئي سڌريا.

"سڌريا" معنيٰ ڇا؟ بگڙيل - سڌريل. ٻه لفظ آهن.
ڪ ٻئي جو ضد آهن. يعني اڳ، جي بگڙيل هئا
ي هاڻ سڌري پيا. روحاني راهه ۾ بگڙيل معنيٰ
هن کي ديهه ايمان هجي ۽ سڌريل معنيٰ جو ديهه
ر ديدار ڪري دوست جو. جو ديدار ڪري سو
د ديدار هوُ پاڻ ڪونه، ٿو چوي ته ڪومان خدا
ديدار آهيان. پر لوڪ ائين مڃي ٿو پوءِ ڇو ڪين
و درويش ڪٿو پائي ته به لوڪ اُن کي راڄ جو
ول مڃي ٿو ۽ ڪٿان جو کهي اڇي مٿو

آهين. جڏهن جامو ڇڏي جامو پهريندين ته اِهو آواز
۽ اِخلاق تهه ۾ تهه، تنهن ۾ تهه 'راس' جو ٿي ڪري
ڪم ڪندا. اِنهيءَ راس جي آڌار تنهنجي ڪرم ڦل
ڪندلي تيار ٿيئي ٿي. هيءَ ڪندلي ڇا پر هڪ
قسم جي هندي آهي جا تو پاڻ پنهنجي هٿين
اَکرين پاڻ تي جاري ڪئي آهي، سا هاڻ توکي
ئي پرٽي پوندي. ٻيو ڪو تلهي نه ڀوندو -
ڇوندا آهن سيڪا ٻڪري پنهنجي ڦاهي ٽنگجي،
ڇو جو جنهنجو ڪرمُ، تنهنجو ڀوڳڻ.

شارو ڏنو اٿس تہ جي سيتا اِنهيءَ ريکا جو مرم
کي ها تہ راوڻ ڪيس ڇپائي ڪونہ وڃي ها. تون
ئم آهين پنهنجي اکيان ويساه جو ٻنو ڏيئي ۽ اِنهن
نجن راوڻ روپي وڪارن کي هن طرف ٿي رهڻ
ي تہ پوءِ راماڻ گيان ٽيو نہ تہ ڪٿا هن کن ٻڌي ۽
ن کن هوا ٿي ويئي.

رن' تنهنجو ضد سهاڳڻ. خارن وچان ساميءَ وقت
اِنسان جي ڪريل حالت ڏسي اِهو سخت لفظ
ڪم ۾ آندو آهي. نہ تہ مطلب سهاڳڻ سان اٿس.
هاڳڻ سان گهوٽ هوندو. تہ پنج سهاڳڻيون تن جي
نجن گهوٽن ڏانهن اِشارو ساميءَ جو ڪونهي. گهوٽ
ڪ آهي جنهن کي پنج زالون آهن ۽ گهوٽ آهي
من؛ اِنهيءَ من کي مار معنيٰ وڪارن کي ڏهڳ،
ي تہ تون جيتي هلئين جڳ، مان. درجا پنج
س ڪرٺا ڪونهن. درجو هڪ ٿي آهي ۽ پاڻ
هي، "من جيت جڳ، جيت تہ جڳديش
وائين."

ڪارڻ آهي تہ ضب ٻہ آهي. من مست هاٿيءَ
ي قبضي ۾ رکيو آهي. تہ ساڌن ڇا آهي؟ "وچن
ي ويساه." سامي چوي ٿو:-

نيڪي ٿو.

هيءَ ڪمائي ڪي سلام آهي ڪمائيءَ جا درجا آهن ۽ ڪمائي جا ساڌن آهن. انهن ته ڪمائيءَ جا پنج درجا هڪڙا گھرجن ڇاڪاڻ ته وڪار پنج آهن. عجب ڀاشا آهي ساميءَ جي! پنج وڪار معنيٰ پنج رنون.

پو تيون ۽ پنا ويساسين ويڙهي رکيا
سمجھائون سامي ڇڏي ساري لاوڪنا
چڙهيا انيءَ اچ تي پلي پنج رنا
وڏا جنهن پنا اڳيون آتم رام جي.

ڇا ته پنهنجي ڪلا جي ڪمال جو ثبوت ساميءَ ڏنو آهي ۽ ڇا ته خيالات جي بلندي! آد جي ڪهاڻي ڪنهين اٿائين ۽ جا آدئي رهندي. ڪهاڻيءَ جا لاوڪنا جي ڪلا ڪٿڻ ڪان ٻاهر. يعني جنهن لاءِ اها الف ب ۽ ماترائن واري ڀاشا ڪارگر نه آهي. روحاني راهه تي جو پنڌ ڇڪي ٿو. تنهن جو احساس ڀاشا نه ٻڌائي سگھندي. هيءَ ساري ڪٿا ويساهه جي آڌار ڪٿي وڃي ٿي. يعني جت واد وواد جي لاءِ گنجائش نه آهي ۽ ڇا تشبيهه ڏني اٿائين ”پنا“ ڏاڍو ساڌو لفظ آهي. هاري به اهو لفظ سمجھي سگھي ٿو ته هوءَ پنهنجي پني، ڪيئن، ڪي ٻچائڻ لاءِ پنا ڏيندو آهي. هن سان رام جو نالو جوڙي لڇمڻ رکا جو

ڪڇ ۾ ڪري سگهو آهين. 'ترشنا ڏائڻ' جو دورنگي
ٻڪو. تنهنجي دل دليلن جو داستان آهي، ويساه
جو آستان نه آهي. ۽ سا دل عليل آهي.

اُوڊيا چنڊالي ويڙهي ويئي جيءَ کي.
پائي ويندا ڪڇ ۾ ترشنا ڏائڻ رن
ٻانيڻ ٻڌ ۾ ناتن ڪوڙا مايا موه جا
ڪٽي هٽندءِ ڪڏ ۾ اِها ڏائڻ ڏات.

چئن سچل سرمست ٽئن سامي خارباز. هيءُ سامي
جي هٿان هٿان سلوڪن مان گڏ ڪيل سنڌس زباني
آهي جنهن کي چيچڙي گروءَ جو وچن جنهن تي ٽون
ويساه رکي دنيا ۾ رهت رهي پنهنجو جيون سڌار
جو آهي.

ڪيائون وس ويساه سان ٻرچي من ٻون
اُهڙو-
ويساسي واصل وڃي ٿيو وحدت ۾

يعني-
پائي سمهيو ڪڇ ۾ لال ٻڪو.

وچن لي ويساهه رکيو جنهن رهت سان
سو اُلٽي اَنترمک ٿيو درد وند دانا ﺀ
سامي لڏائين سر ٿي روم روم مون راه
پائي پد اَسگاهه چڙهي وينو چوڏول ۾ .

'وچن؟ کنهنجي وچن لي؟ گروَﺀ جي. ﺀ 'رهت'؟ ست سنگ ڪرڻ. سامي ﺀ گرو ﺀ ساڌ سنگت تي ڏاڍو زور ڏنو آهي. چوي ٿو:-

جيڪو ڪمائي پڳتي گرو ويساهه سان
سهجي سو پائي جيون پدوي گهر ۾

گروﺀ جي وچن تي ويساهه هئڻ گهرجي. ﺀ گروﺀ جو وچن ڇا آهي؟ تہ:-

ڏيئي لت نہ لوڙهه مانک ديهہ اَمول کي .

مانک ديهہ اُتم خزانو آهي اِنسان کي مليل. ﺀ هوُ سو لٽائي وينو. چوي ٿو:-

اود يا رن لٽي ٿي خاص خزانو سڀ جو
جوڙي جيئن کي بندي گهيرت سان گهڻي
پيارا پنج بچي ڪري راليون ڏينهن ڪٽي
ڪو سامي سنت ڇٽي ڪري حمايت هرجي .

ﺀ اَود يا ڇا آهي؟ تہ جڏهن ڪ تنهنجي ڪچ ۾ هئڻ گهرجي اِڪ رنگي 'يڪرو' تہ تون شوق پئي

سمجهاڻي اکر ساردُول جي

سروق لي هن گيان ڪٿا جو سرو آهي "ساردُول".
سنڌي لغت ۾ "ساردُول" لفظ جي معنيٰ آهي
"شير". پر جي اِها معنيٰ ٿي وٺجي ته روحاني راز
جو سلوڪ ۾ ڇپيل آهي سو نه رڳو پورو نٿو کلي پر
سارو مطلب اُلٽو ٿي ٿو وڃي. تشبيهه آهي شڪارگاهه
جي ۽ شڪار آهي وڪارن جو جي اندر جوُءِ معنيٰ
جاءِ يعني هيءُ جسم پنهنجو اَڏو ڪري ويٺا آهن.
ڱاج معنيٰ آواز. هت معنيٰ منتر جو اُچارڻ جنهن
جي زير بار وڪار پٺي وڃن يعني ڪرم ڪرڻ جي
ضرورت نه پوي ته پوءِ من ٿئي اَمن معنيٰ "شانت
در" درجو حاصل ٿئي. پر جي اِها ڱاج شير جي
آهي جا ٻڌي مرگن جوُءِ لڌي ته مطلب نه ٿو ڇٽي.
هڪ ته شير جڏهن شڪار تي نڪرندو آهي ته آواز
نه ڪندو آهي. چپ چاپ ڪري قدم کڻندو آهي.
ٻيو ته جي شير ڱجگوڙ ڪندو ته مرگ معنيٰ هرڻ
پنهنجي جوُءِ ڇو ڇڏيندو؟ هوُ ته هتان پنهنجي
غذا ۾ لڳي ويهي رهندو. ٽيو ته ڪوئي ڪونه.
هوڏانهن اسان ڪي جاڻ آهي ته شڪاري جڏهن
شڪار لي ويندا آهن ته مرُون کي ٻرن مان ٻاهر ڪڍڻ

سرورق

هر مڪان اُديبن ۽ پرين تا اُمر اُدب جي ساک،
هر صوفيءَ ڪلام آهي ٻانگ، ٻه چڏي هڪ جي ساک،
نه چنبُ تارا ٻکي ٽرشوُل عالمگير آدم جي ٻاک،
آءٌ پيهي منجهه اوتار لڳن لڳاءِ حق قلندر جي راک،
متي محفل يارن جي عشق جي آهي اوطاق
آهن ويٺا بند ڪري دين ڌرم جو طاق
رات ساري لڳون لات، رات باقيءَ آهن ٻي ٻاق
جڏهن ڪرل پيوسين ڪن تڏهن ڪليو ٽن جو طاق
قلندري آهي تخلص منهنجو پر آهي ڪٿي قلندر
نقل آهي تخلص منهنجو، منهنجي آهي ڪٿي مُصدر
وچ نه دل دهلجي ڏسي نظارو خون ٽر
سُر ٻڌي ٻِر ڏانءُون تڏهن لڏاڻون شانت در

صحيح نامو

ص	سٽ	صحيح
I	١٣	ھيءَ تڪ
I	١٤	نه پئي
XI	١١	سلوڪ آھي
XVI	١٩	Reverence
XVI	٢١	Divine
XVIII	١٨	November
XVIII	٢٧	305001
٩	٨	نگر
١١	٤	ٿي الله
١١	٢٠	ٻه ته
١٥	١٥	ھٽي.
١٥	١٦	ٻندا دامودر!
١٧	١	ڏيو ٿي
١٧	٢	نانت
١٨	١٩	وادِي
١٩	٣	پريم پرواه
٢٢	١٦	پري ٿي
٢٥	١	ٻئي حرفين
٢٥	٢٠	اِستت
٢٦	١٣	ڏيھه وديھه
٢٧	٢	پنھون
٢٨	٦	پاٽھين ھٿڙ
٢٨	٩	خاڪ پاڪ
٣٠	٣	يا
٣١	٨	ھڪ نه
٣٧	٦	پنھنجو ھٿ
٤٢	١٧	لڄنيس
٤٣	٥	اونءَ لونءَ لنؤ
٤٨	٣	چوڏول
٤٩	٣	سڌ
٤٩	١٦	جو
٤٩	١٧	اُونده
٥٠	١٩	آھن سي
٥٢	٢	آھي. ھن
٥٨	١٤	ڪلا جو
٦٢	١	قالُوا بليٰ
٦٦	٥	آھي. ھيءَ
٧٢	١٩	اگھاڙو

لاءِ وڏو نغارو وڄائيندا آهن جو پڙاڏو ٿئي ۽ مرڳن جي ٻڌڻ ۾ گونجندو آهي، تڏهن گهبرائجي مرڳن جُوءِ ڇڏيندا آهن ته شڪار ٿي ويندا آهن.

هن حساب ساردُول ٿيو وڏو دهل ۽ گاج ساردُول جي ٿيو گر منتر جنهنجي اُچارڻ سان پاپ ڪرم ڀڄي ويندا. پوءِ جيڪو شانت درجو طالب حاصل ڪري ٿو سو ٿيو سچل موجب ”حيراني حيرت“ ۽ شاهه لاءِ ٿي ”چانڊاڻ ٿي چانڊاڻ“ ۽ سامي سنت سڄان لاءِ ٿيو ”اَڃ“. هيءَ اُهو شانت جو درجو ٿيو جتي ڇڏجي ڪٽي ته خود شانت به شانت ٿي وڃي. يعني ڪجهه به اَحساس ڪرڻ جي ٻُوجهه ۽ شڪتي نه رهي. سا سڀ ڪهڙي حساب؟ ساميءَ جي گاج ”ساردُول“ جي برابر شاهه جي ”روح رباب“ وڄڻ ڪارڻ. تنهن ڪري ساردُول جي، معنيٰ شير نه ٿي ڪري دهل ٿيندو ۽ گاج ساردُول جي هڪ منتر ٿيندو جنهن کي روح رباب چئو يا انهد جو آواز.

Appreciation

Dr. (Prof) S.M. Jhangiani, M.A., Phd. Delhi Deshbandhoo College, speaks:

"The Indian Literature" Nov-Dec. 1979, PP 70-71 Sahitya Akademi Publication.

"Biography is the most neglected branch of Sindhi Literature in as much as only a few biographies have come out so far. "Rakho Rakhan Har" (The Protector) by Lekhraj Hans is therefore a welcome addition.

"Narain Jethanand-Merani (Qalandari) deserves credit for un-ravelling the life of hitherto unknown Sufi Saint Sai Tirthdas Giani (Gianchandani) in his biography entitted "Atma Darshan (Self Realization) Giani Sai Tirthdas". Sindhi was a flower-bed of many authors and religions and sufies had found a fertile soil during the kalhora rule which had also witnessed the martyrdom of Shah Inayat Sufi. Since then a number of khown and un-known Sufi Saints, both Hindus and Muslims, have preached the tenets of sufism. Their hearts contained hidden divine sparks. Sai Tirthdas is one such sufi who died in madras soon after partition. The book contains the work of spiritual wisdom of Sai Tirthdas".

ص	سٽ	صحيح
٧٤	١٤	زجانِ
٧٦	٦	جي
٨١	١	فخر جو
٨٦	٣	ٿاب
٨٦	٦	ڪرمي.
٨٦	١٦	ڪونهي.
٨٧	٨	ضروري
٨٧	١١	وزن
٩٠	١٣	ڦولهہ
٩١	١٠	گهر أگهر
٩٢	١٩	ڪنهن ڪي
٩٣	٥	پـاء.
٩٧	١٨	ڪرم ڪيتر
٩٨	٥	فرق
١٠٢	٢	آهي.
١٠٥	١	آهين ٽرشنا

قدر شناسي

سرڳواسي شري موٽيرام وليچا ايم-اي، سمپادڪ ”اجمير جا اديب“ ١٩٧١ع ۽ ”ادبي ستارا“ ١٩٧٣ع.

”نارائڻداس ميراڻي سنڌ ۾ سيوهڻ دادو ضلع ۾ ١٩١٣ ۾ جنم ورتو. ورهاڱي بعد اجمير وسايائون. اِتهاس ۾ ايم.اي. جي ڊگري حاصل اٿن. کين انگريزي خواهِ سنڌي ادب سان شوق آهي.

سنڌيءَ جي شاعق مضمون نويسن مان هڪ آهي. سندس لکڻي ۽ طرز نئي پنهنجي آهي. خودي ۽ خدا، ذات ۽ صفات، اِنسان ۽ شيطان نه صرف سندس رچيءَ جا وشيه آهن پر ترقي پسند درسي ڪتابن جي ذخيري جي عمدي پيشڪش آهن. آزاد نظم لئي به قلم آزمائي ڪئي اٿن ۽ ڪامياب لکڻي داس آهن. ڌرمي فيلسوفي سندن رچنائن جو بنياد آهي. سفيد لباس جو شوق، اديبن جي ماحول جو ذوق سندس انتر آتما جو آواز آهي.“